بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه

مسئله

باغ فدڪ

تي تحقيقي نظر

هن ڪتاب ۾ باغ فدڪ بابت شيعن جي جملي اعتراضن جا سندن ڪتابن مان مُدلل جواب ڏنا ويا آهن.

بقلم:

ناظرِ اهلسنت علامه ڊاڪٽر غلام نبي

مدظله العاليٰ

ناشر مڪتبه فيضِ رضا ڪراچي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

لا اله الا الله محمد رسول الله

مسئلہ

باغ فدک

تي تحقيقي نظر

هن ڪتاب ۾ باغ فدڪ بابت شيعن جي جملي اعتراضن جا سندن ڪتابن مان مُدلل جواب ڏنا ويا آهن.

بقلم:

ناظرِ اهلسنت علامہ ڊاڪٽر غلام نبي

مدظلہ العاليٰ

مڪتبہ فيضِ رضا ڪراچي

ڪتاب جو نالو: مسئلہ باغ فدڪ
بقلم: مناظرِ اهلسنت علامہ غلام نبي "پياسي"
ڇاپو پيون:
تعداد: هڪ هزار
ڪمپوزنگ:
لي آئوٽ:
هديو:

نظر محمد عطاري
هالا نيو

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

ٻن دوستن جي گفتگو قلمبند ڪجي ٿي، هڪ جو نالو ”حبْ علي“ آهي. هي اهل تشيع جي مولوي ”ديدار علي“ جي صحبت ۾ اچي شيعو بڻجي ويو آهي. ٻئي جو نالو ”علي اڪبر“ آهي. هي اهلسنت جو آهي، اهل تشيع جي ڪتابن جو هن وٽ وڏو ذخيرو آهي ۽ وڏي مذهبي معلومات رکندڙ آهي.

نوٽ: اهي نالا فرضي ۽ خيالي ورتا ويا آهن ته جيئن مسئلي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هڪ ملاقات ۾ چانهه پيئڻ بعد ٻنهي دوستن جي مذهبي گفتگو هن طرح سان شروع ٿئي ٿي.

علي اڪبر: يار مان ٻڌو آهي ته تون شيعو ٿي ويو آهين؟

حب علي: ها! بلڪل سچ آهي.

علي اڪبر: دوست تنهنجو اهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو اٿم، تو ۾ اهڙي اميد نه ڪا نه هئي.

حب علي: بس ادا، مولوي ديدار علي اسان جي پاڙي جو آهي سندس ڳالهين منهنجي دل تي اثر ڪيو آهي.

علي اڪبر: اهي وري ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟ جن جڪو توتي ايڏو اثر ٿيو آهي؟

حب علي: يار هاڻي ڪوليو اٿئي ته ٻڌ: اوهان جي اصحابن اهلبيتن سان وڏا وڏا ظلم ڪيا آهن.

سيده فاطمة سلام الله عليها کي نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن باغ فدڪ ”هبہ“ ڪري ڏنو هيو،

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اهو ڪسيو.

سيده پنهنجي والد مڪرم جي ميراث جو مطالبيو ڪيو گواهن جي طلب ڪرڻ تي حضرت علي رضي الله عنہ حسنين ڪريمين رضي الله عنهما ۽ ام ايمن جهڙا مقدس گواهہ پيش ڪيا مگر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ پنهنجي ديرينہ مخفي دشمني جي بنياد تي هڪ جُڙتو حديث:

إِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاءِ إِنَّ الْأَنْبِيَاءَ لَمْ يُوَرِّثُوْ دِيْنَارًا وَلَا دِرْهَمًا

انبياءَ ڪرام جي وراثت درهم ۽ دينار نہ هوندي آهي پيش ڪري مطالبي ڪي رد ڪري ڇڏيو. سيده [illegible] سخت ناراض تي روئيندي گهر واپس آئي ۽ هن مرڻ گهڙيءَ تائين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. بڌاءِ اها اهلبيت سان دشمني آهي يا نہ؟ ڇا اهلبيت جي دشمن جي خلافت ۽ امامت درست ڇئي سگهجي ٿي؟ ڇا سيده کي ناراض ڪرڻ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي ناراض ڪرڻ آهي يا نہ؟

علي اڪبر: ادا ايڏو جذباتي نہ ٿيءُ. بڌل ڳالهين تي ويساهہ نہ ڪر، پاڻي جو گلاس پيءُ ٿڌو ٿيءُ ۽ سمجهہ، اهي سڀ من گهڙت ۽ فرضي افسانا آهن. جيڪي ذاڪرن پنهنجي مجلسن پڙهڻ لاءِ تيار ڪيا آهن. جن جو حقيقت سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. اڄ تہ اڄ اهو فيصلو حضرت امام محمد باقر رضي الله عنہ کان ڪرايون ٿا. جنهن کي شيعا پنجون امام چوندا آهن.

جعلنى الله فداك ارايت ابابكر و عمر هل ظلمكم من حقكم شيئا او قال ذهبا من حقكم بشيء فقال لا والذى انزل القرآن على عبده ليكون للعالمين نذيرا ما ظلمنا من حقنا مثقال حبة من خردل قلت جعلت

فداك افاتولا هما قال نعم ويحك تولهما في الدنيا والآخرة وما اصابك ففي عنقي ثم قال فعل الله بالمغيرة وبنا فانهما كذبا علينا اهل البيت.

(ابن حديد شرح نهج البلاغة جلد4 ص82)

ابو عقيل چوي ٿو تہ مان امام محمد باقر رضي الله عنہ کان پڇا ڪيم تہ منهنجي جان اوهان تان قربان ٿئي ڇا حضرت ابوڪر صديق رضي الله عنها ۽ حضرت عمر توهان جي حقن تي اوهان سان ظلم ڪيا يا اوهان جي حقن کي دٻائي ڇڏيائون؟ فرمايائون تہ نہ، قسم آهي ان الله جو جنهن پنهنجي ٻانهي تي قرآن نازل فرمايو تاڪ هو تمام جهانن لاءِ نذير بڻجي وڃي، اسان جي حقن ۾ انهن ترَ جي داڻي برابر بہ اسان تي ظلم نہ ڪيو آهي پوءِ مان عرض ڪيو تہ قربان ٿيان اوهان تان ڇا مان انهن سان محبت رکان فرمايائون تہ هائو، ٻنهين جهانن ۾ انهن کي دوست رک ۽ ان سبب جيڪڏهن توکي ڪوبہ نقصان پهتو تہ منهنجي ذمي آهي پوءِ امام چيو تہ مغيره ۽ بنان سان خدا پهچي انهن اسان اهل بيتن تي ڪوڙ مڙهيا آهن.

بس يار هاڻي حضرت امام محمد باقر رضي الله عنہ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ اصحابن سڳورن حضرت ابوڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ اهل بيتن سان ڪوبہ ظلم نہ ڪيو آهي ۽ نہ انهن جا حق غصب ڪيا آهن بلڪ انهن سان پڻ محبت رکڻ جو حڪم ڏنو آهي جيڪڏهن اهل بيت جو سچو حبدار آهين تہ امام صاحب جي فيصلي کي سچو سمجهي ذاڪرن جي اهڙن فرضي افسانن کي غلط چؤ ۽ اصحاب ڪرام بالخصوص خلفاءِ ثلاثہ سان

محبت رک انهن کي عادل ۽ حق جو امام تسليم ڪري انهن جي پيروي ڪر ۽ انهن کي دوست بناءِ ته تنهنجا ٻيڙا پار ٿين اهڙي ضمانت امام ڪنئي آهي.

ياءُ: صحابہ ڪرام آسمانِ هدايت جا روشن ستارا آهن نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جا پيارا آهن. پاڻ خود فرمايو اٿن:

اصحابي کالنجوم بايهم اقتديتم اهتديتم

(شيعن جامعتبر کتاب الانوار النعمانيه ج1ص100،معانی الاخبار ص 156)

ان پہ راضی ہے خدا اور خدا کا محبوب

اپنے اللہ کے دلدار تھے اصحاب رسول

بي جاءِ تي حضرت علي رضي الله عنہ جو هي فرمان مبارڪ بہ آهي.

ولعمری ان مکانهما فی الاسلام لعظيم وان المصايب بهما لجرح فی الاسلام شديد يرحمهما الله وجزاهما باحسن ما عملا.

(شيعن جو معتبر ڪتاب (ابن ميثم نهج البلاغہ جلد 4 ص 362)

مون کي پنهنجي عمر جو قسم آهي. انهن ٻنهين (ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما) بزرگن جو اسلام ۾ عظيم مرتبو آهي بيشڪ انهن تي پنهنجو رحم فرمائي ۽ انهن کي سنن عملن جي بهترين جزا عطا فرمائي. حضور نبي اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي:

حب ابی بکر و عمر ايمان وبغض هما کفر

(رجال ڪشي ص 395 شيعن جو معتبر ڪتاب)

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ جي محبت ايمان جي نشاني آهي ۽ انهن سان بعض رکڻ ڪفر جي نشاني آهي. هاڻي تنهنجي مرضي آهي ايمان کي پسند ڪرين يا ڪفر کي. حضرت علي رضي الله عنہ جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

اصيكم باصحاب نبيكم لا تسبوهم

شيعن جو معتبر ڪتاب (امالي الشيخ الطوسي جلد 2 ص 136)

مان توهان کي وصيت ٿو ڪيان تہ صحابہ ڪرام کي برو نہ چئجو. دوست! صحابہ ڪرام ۽ اهل بيت جا پاڻ ۾ بهتر تعلقات رهيا آهن اهي "رُحَمَاءُ بَيۡنَهُمۡ" جي صفت سان موصوف هيا. انهن درميان ڪوبہ بعض وعناد نہ هيو.

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنہ جو بہ فيصلو ٻڌ فرمائي ٿو تہ:

امامان عادلان قاسطان كانا على الحق فماتا عليه عليهما رحمت الله يوم القيامة

(شيعن جو معتبر ڪتاب انوار النعمانيہ جلد 1 ص 99)

ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ عمر رضي الله عنہ ٻئي عادل ۽ انصاف پسند امام هئا ٻئي حق تي هيا ۽ حق تي ئي سندن خاتمو ٿيو الله تعاليٰ قيامت تائين انهن تي پنهنجي رحمت نازل فرمائي.

ادا جيڪڏهن سچو محبِ اهل بيت آهين تہ اهل بيت جي فرمان مبارڪ کي مڃي صحابہ ڪرام کي رضوان الله عليهم اجمعين خصوصا صحابہ ثلاثہ کي عادل حق پسند ۽

پنهنجو امام تسليم ڪري صراط مستقيم تي اچي وڃ ٻڌاءِ
ڇا تو چوين؟ خاموش ڇو آهين؟
وضاحت لاءِ راقم الحروف جا ڪتاب:
"شيعہ مذهب جي معلومات"
"حق چار يار" ۽ حديثِ قرطاس" مطالعو ڪر.
انشاءَالله حق سچ واضع نظر ايندئي.

باغ فدک

هاڻي باغ فدڪ جي متعلق به ٻڌ ياءُ!

جيڪڏهن باغ فدڪ حضرت سيده فاطمة سلام الله عليها جي ملڪ هجي ها يا حضرت نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ڪيس "هبو" ڪري ڏين ها تہ حضرت علي شير خدا مشڪل ڪشا رضي الله عنها ڪڏهن بہ غصب ٿيڻ نہ ڏئي ها.

ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف وڙهي ها، جهاد ڪري ها مظلوم جي داد رسي ڪري ها ڇا حضرت علي رضي الله عنہ جو اهو فرض نہ هيو تہ مظلوم جو حق ظالم ڪان وٺي ڏئي ها! ڇا ڪنهن جي دٻاءُ هيٺ اچي ويو يا ڊڄي ويو؟ هرگز نہ هرگز نہ، اهڙو تصور ڪرڻ بہ شير خدا جي شجاعت ۽ بهادري تي حملو آهي.

شاہ مردان شیر یزدان قوۃ پروردگار

لا فتی الا علی سیف الا ذوالفقار

امام لاءِ بهادر هجڻ شرط آهي پڙهي ڏس پنهنجو معتبر ڪتاب (عين الحياة ص 110 حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو عطا ڪيل هجي ۽ حضرت علي شير خدا رضي الله عنہ جي هوندي، حضرت ابوڪر صديق رضي الله ڪسي وجي تہ پوءِ حضرت علي شير خدا مشڪل ڪشا تہ نہ رهيو يا تہ اوهان (شيعہ) حضرت علي رضي الله عنہ کي شير خدا ۽ مشڪل ڪشا چوڻ ڇڏي ڏيو يا پوءِ اهو باغ فدڪ جي غصب ڪرڻ وارو ڍونگ رچائڻ ڇڏي ڏيو باغ فدڪ نہ ڏيڻ سبب جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي

الله عنہ کي معاذ الله! منافق غاصب اهل بيت جو دشمن چئو
تا تہ پوءِ حضرت علي مرتضيٰ رضي الله عنہ پنهنجي زمانہ
خلافت (تقريباً 4 سال 9 نو مهينہ هيو) ۾ حضرت سيده فاطمة
رضي الله عنها جي اولاد حضرت امام حسن رضي الله عنہ ۽
حضرت امام حسين رضي الله عنہ کي باغ فدک نہ ڏنو
حضرت عباس رضي الله عنہ، حضرت حسن بن علي رضي
الہ عنہ، حضرت علي بن الحسين رضي الله عنہ حضرت حسن
بن حسن، حضرت زيد بن حسن بن علي رضي الله عنہ بہ باغ
فدک سيده جي وارثن کي نہ ڏنو حالانک خيبر ۽ فدک
يکي بعد ديگري سندن قبضہ ۾ ايندو رهيو هو انهن بہ بعينہ
صديق اکبر رضي الله عنہ جي دستور مطابق عمل کيو ۽
صديقي طرز عمل کي شريعت اسلاميہ جي عين مطابق
سمجهيو يعني انهن جي نزديک بہ حضرت رسول الله صلي
الله عليہ وآلہٖ وسلم جو ورثو قابل تقسيم نہ هيو ۽ حديث
”لا نورث“ صحيح هئي ٻڌاءِ انهن لاءِ ڇا ٿو چوين؟

ماهوجوابكم فهوجوابنا

ياءُ جيکڏهن باغ فدک سرور ڪائنات صلي الله عليہ
وآلہٖ وسلم جن حضرت فاطمة رضي الله عنها کي ”هبہ“
کري ڏنو هو ۽ سيده فاطمہ رضي الله عنها جو ان تي قبضہ
بہ هو تہ پوءِ ميراث رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم
جي دعويٰ کرڻ جي کهڙي ضرورت هئي جڏهن پنهنجي
قبضہ و تسلط ۾ هيو تہ پوءِ ميراث ڇا جي؟ دعويٰ ڇا جي؟
حضرت زيد ابن علي رضي الله عنہ تہ صريحاً لفظن ۾
وڏائي چوي ٿو تہ:

قال زيد وايم الله لو رجع الامر الی لقضيت فيه بقضاء ابی بکر
شيعن جوُ معتبر ڪتاب (ابن حديد شرح نهج البلاغة جلد 4 ص 82)

الله جو قسم آهي جيڪڏهن اهو (فدڪ) جو معاملہ منهنجي سپرد ڪيو وڃي ها تہ مان بہ اهوئي فيصلہ ڪيان ها. جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڪيو هو.
ٻڌاءِ اتي ڪهڙي فتويٰ تو ڏئين؟ خاموش ڇو آهين؟

جيڪڏهن قبضو وتسلط ۾ نہ هو تہ پوءِ "هبہ" ڇا جو، "هبہ" لاءِ قبضہ وتسلط شرط آهي، ثابت ٿيو تہ اهڙي قسم جون روايتون بي اصل ۽ غير معتبر آهن. جيڪڏهن چئو تہ دشمني جي بناء تي حضرت سيده فاطمہ رضي الله عنها کي باغ فدڪ نہ ڏنائون تہ پلا حضور عليه الصلواة والسلام جن جي ازواج مطهرات بالخصوص حضرت عائشة رضي الله عنها (پنهنجي نياڻي) کي تہ ضرور ڏين ها يا پنهنجي ڪن عزيزن ۽ قريبن کي يا حضور علي السلام جن جي چاچي حضرت عباس رضي الله عنہ کي تہ ڏين ها. جيڪڏهن چيو وڃي تہ ان سبب ڪري نہ ڏنائون تہ متان حضرت فاطمة رضي الله عنها دعويٰ ڪري ويهي، ڇڱو پلا ان جي وفات کان پوءِ ڪٿي ڏين ها مگر اهڙي روايت بہ ڪانہ ٿي ملي پوءِ نہ ڏيڻ جو مطلب فقط شريعت جي حڪم کي پورو ڪرڻ ۽ اتباع رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ئي مقصود هو.

يعني حديث "لم يورثوا درهما ولا دينارا" تي عمل ڪرڻو هو. ياءُ بالفرض جيڪڏهن تنهنجي اها ڳالهہ چند منٽن لاءِ مڃجي تہ حضور عليہ الصلوة والسلام جن حضرت فاطمہ

رضي الله عنها کي باغ فدک "هبو" ڪري ڏنو هو ته حضور عليہ الصلوة واسلام جن تي هڪ الزام عائد ٿيندو ڪيئن ٿي.

باغ فدک مال فيءَ آهي

شيعن ۽ سنين جو ان ڳالهہ تي اتفاق آهي ته باغ فدک مال "فيءَ" آهي ۽ مال "فيءَ" اهو آهي جو بغير جنگ وجدال جي قبضہ ۾ اچي، پڙهي ڏس شيعن جا معتبر ڪتاب: (ناسخ التواريخ زندگاني حضرت فاطمہ عليہ السلام ص 83 ۾، اصول ڪافي جلد 1 ص 543 ۾، تفسير صافي جلد 1 ص 636، تفسير منهج الصادقين جلد 9 ص 227)

بغير جنگ و جدال جي قبضہ ۾ ڪيئن آيو ٿي:

باغ فدک جي مختصر تواريخ

فدک مدينہ منوره کان ٽن منزل تي هڪ ڳوٺ هو جنهن ۾ پاڻي جا چشما ۽ ڪجهہ ڪجورن جا باغ هئا ان کان علاوه اتي ڪڻڪ جي پيداوار بہ ٿيندي هئي. ان ۾ خيبر وانگر يهودين جي آبادي هئي. سنہ 7 هہ ۾ فتح خيبر کان پوءِ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن اهل فدک کي اسلام جي دعوت ڏني هنن اسلام تہ قبول نہ ڪيو پر هن شرط تي صلح ڪيائون تہ اڌ زمين جي پيداوار مسلمانن جي حوالي ڪئي ويندي، نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ان شرط کي قبول فرمايو اهڙي طرح سان اها سر زمين بغير جنگ و جدال جي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي عطا فرمائي. قرآن پاڪ گواهي ڏئي ٿو تہ اهو "مال فئي" آهي ۽ ان ۾ مجاهدن

جي ڪوشش جو ڪوبہ دخل نہ آهي.

وَمَا أَفَاءَ اللّٰهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَمَا أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ وَاللّٰهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ (پ28 ع4)

ترجمو: ۽ جيڪا غنيمت ڏياري الله پنهنجي رسول کي انهن کان پوءِ توهان انهن تي نہ تہ پنهنجا گهوڙا ڊڪايا هئا ۽ نہ اٺ هائو الله پنهنجي رسولن کي غلبو ڏئي ٿو جنهن کي چاهي ۽ الله سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. ثابت ٿيو تہ مال "فيءِ" ڪنهن جي بہ ذاتي ملڪيت نہ هوندي آهي. اهو مال وقف هوندو آهي ۽ مال وقف ۾ ميراث جاري نہ ٿيندي آهي.

مال فئي جا مصارف:

مَا أَفَاءَ اللّٰهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ مِنْ أَهْلِ الْقُرَىٰ فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينِ وَابْنِ السَّبِيلِ (پ28 ع4)

ترجمو: جيڪا غنيمت ڏياري الله پنهنجي رسول کي شهر وارن کان اها الله ۽ رسول جي آهي ۽ رشتي وارن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن جي واسطي.

ثابت ٿيو تہ مال "فيءِ" جا ڪل مصارف ڇهہ آهن.

1. الله جل جلاله 2 رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم 3 قرابتي 4 يتيم 5 مسڪين 6 مسافر.

حضور عليہ السلام جن فدڪ جي آمدني کي انهن مصارف تي رچ فرمائيندا هئا. هاڻي انصاف سان ٻڌاءِ حضور عليہ الصلوة والسلام جن انهن سيني مصارف جا (معاذ الله) حق ماري "باغ فدڪ" صرف پنهنجي نياڻي حضرت سيده فاطمہ سلام الله عليها کي ڏئي ڇڏيو ڇا؟ حضور عليہ

السلام جن تہ يتيمن جا ماويٰ ۽ مسڪينن جا ملجا آهن بي سهارن جا سهارا ۽ ضعيفن جا پرجهلا آهن سندن لاءِ اهڙو تصور ڪرڻ بہ گناهہ ۾ شامل آهي اوهان (شيعن) جي نظر ۾ شايد حضور عليہ الصلواة والسلام جن جي بعثت جو مقصد (معاذ الله) مال ۽ دولت ڪي گڏ ڪرڻ هو مگر اهو نظريو بلڪل غلط آهي. حضور عليہ السلام جن ڪنهن بہ شيءِ ڪي جمع نہ ڪيو هو جو ڪجهہ ايندو هو ان ڪي راهہ خدا ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا، مرض وفات ۾ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها وٽ چار اشرفيون رکيل هيون ياد اچڻ تي فورا ان جي خيرات ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيائون. هڪ دفعي نماز جي حالت ۾ خيال آيو تہ ڪجهہ سون گهر ۾ پيو آهي، نماز کان فارغ ٿي فوراً گهر وڃي ان جي خيرات ڪرڻ جو حڪم ڏنائون حديثن ۾ اهڙي قسم جا متعدد واقعات آهن، جن مان واضع ٿئي ٿو تہ وٽن ڪابہ مال ۽ دولت جمع ڪانہ هئي جڏهن مال ۽ دولت جمع نہ هئي تہ پوءِ ميراثت تقسيم جو سوال ئي غلط آهي.

ٻيو تہ ميراث مئل جي تقسيم ٿيندي آهي نہ جيئري جي، حضور عليہ السلام جن تہ حيات النبي آهن پوءِ تقسيم ڇاجي؟

تو زندہ ہے واللہ تو زندہ ہے واللہ
میرے چشم عالم سے چھپ جانے والے (اعلیٰ حضرت)

باقي تنهنجو اهو چوڻ تہ حضرت سيده جي مطالبي ڪي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ هڪ جڙتو حديث ٻڌائي رد ڪري ڇڏيو ۽ سده ناراض ٿي گهر ويئي ۽ مرندي گهڙيءَ

تائين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو سيده کي ناراض ڪرڻ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي ناراض ڪرڻ آهي. دوست اهي سڀ اوهان (شيعن) جا ناهہ ۽ وڏاءَ آهن ڳالهہ ۾ تہ ڪجهہ ڪونہ آهي، صرف ايتري ۽ هي آهي تہ سيده فاطمہ سلام الله عليها حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڏانهن ماڻهو موڪلي فدڪ جو سوال ڪيو جنهن جي جواب ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي حديث مبارڪ ٻڌائي تہ:

فَقَالَ لَهُمَا أَبُوبَكْرٍ سمعت رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّم يقول لا نورَثُ

(بخاری شریف ج2ص995).

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ چيو تہ مون رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان ٻڌو آهي تہ اسان انبيائن جو ڪوئي وارث نہ ٿيندو آهي.

اسان جو ڪجهہ ڇڏي ويندا آهيون اهو سڀ صدقہ هوندو آهي.

فَقَالَ أَبُوبَكْرٍ إِنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ قَالَ لَا نُورَثُ مَا تَرَكْنَا فهو صَدَقَةٌ (بخاری شریف جلد نمبر 1 صفحو نمبر 526)

حديث ٻڌائي عرض ڪيائين:

انما ياكل آل محمد من حذا المال

(بخاري جلد 1 ص 526، ابو دائود جلد 2 ص 414)

ها آل محمد (هن جي آمدني) مان کائيندا هئا.

والله لا ادع امر ارايت رسول الله صلى الله عليه وآلہٖ وسلم (بخاری 2ص

(996

بخدا جيڪو ڪم مان رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي ڪندي ڏٺو آهي ان کي ترڪ نہ ڪندس.

مسلم شريف جا الفاظ هن طرح آهن.

انی والله لا اغیر شیئا من صدقة رسول الله عن حالها التی کانت علیها فی عهد رسول الله ولا عملن فیها بما فعل رسول الله صلی الله علیه وآلہٖ وسلم.

(مسلم شريف جلد 2 ص 92 (بخاري شريف جلد 1 ص 526)

خدا جو قسم مان صدقۃ رسول کي جيئن اهو رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي زماني ۾ هيو ان ۾ ڪابہ قير قار نہ ڪندس ۽ ان ۾ جهڙي طرح سان رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن عمل ڪيو آهي مان بہ ان تي اهڙي طرح سان عمل ڪندس.

بس سيده فاطمہ سلام الله عليها حديث ٻڌڻ کان پوءِ خاموش تي وئي وري ان سلسلي ۾ ڪا بہ گفتگو نہ ڪيائين اهڙي حقيقت اوهان (شيعن) جي ڪتابن ۾ بہ موجود آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سيده فاطمہ سلام الله عليها کي عرض ڪيو تہ

اموال واحوال خود راز تو مضایقہ ندارم آنچہ خواہی بگیر تو سیدہ امت پدر خودی و شجرہ طیبہ از برای فرزندان خود انکار فضل تو کسی نمی تواند کرد و حکم تو نافذ است در مال من آما در اموال مسلمانان مخالفت گفتہ پدر تو نمیتوانم کرد.

(شيعن جو معتبر ڪتاب حق الیقین ص 209)

منهنجو مالڪ ملڪيت اوهان جي مِلڪ آهي اوهان

ان ۾ خود مختار آهيو جيترو چاهيو ڪٽي وڃو اوهان قابل عزت آهيو، اوهان امت جون سيده، حسنين ڪريمين جي امڙ آهيو اوهان جي شان ۽ عظمت جو ڪنهن کي به انڪار ڪونهي، اوهان جو حڪم منهنجي ذاتي مال ۾ نافذ آهي ليڪن مسلمانن جي اجتماعي مال ۾ اوهان جي والد بزرگ جي ارشاد مبارڪ جي مخالفت نٿو ڪري سگهان. انهيءَ ڪتاب ۾ هي الفاظ به آهن ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه قسم کڻي عرض ڪري ٿو:

خدا را گواه میگیرم که شنیدم از رسول خدا که گفت ما گروه انبیاء میراث نمیگذاریم نه طلا ونه نقره ونخانه ونه عقار ونیست میراث ما مگر کتابها وحکمت وعلم پیغمبری و آنچه طعمه ما است ولی امر خلافت بعد از ما حکم فی کند در آن بحکم خود و من چنان حکم کردم که آنچه تو از ما طلب میکنی صرف اسبان واسلحه شود که مسلمانان با کفار قتال کنند واین را باتفاق مسلمانان کرده ام و در این امر منفرد و تنها نبوده ام۔

(شيعن جو معتبر ڪتاب حق اليقين ص 209)

خدا گواهه آهي مان رسول صلي الله عليه وآله وسلم کان خود ٻڌو آهي فرمائن پيا ته اسان گروه انبياء ميراث، چانديءَ، سون، گهر، زمين وغيره ڇڏي نه ويندا آهيون. جنهن جي وراثت ٿئي اسان جي وراثت صرف ڪتاب "حڪمت ۽ پيغمبري علم" هوندو آهي. جيڪا اسان جي خوراڪ هوندي آهير ان ۾ ولي امر اسان جي بعد خليفو هوندو آهي ان باري ۾ اهوئي فيصله ڪندو آهي ۽ مان به اهوئي فيصلو ڪيو آهي ۽ اوهان مون کان جيڪو (فدڪ) طلب ڪيو تا اهو مسلمانن جي اجتماعي امور ۾ صرف ٿيندو مسلمان ان مان ڪافرن سان جنگ ڪرڻ واسطي اسلحه خريد ڪندا، اهو

فيصلو فقط منهنجو نہ آهي بلڪ مسلمانن جو گڏيل فيصلو آهي.

دوست! ان مان تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي اهل بيت سان محبت ۽ عقيدت ثابت آهي ۽ اهو بہ ثابت آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي سڀ کان زياده نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو حڪم مقدم آهي. هاڻي ٻڌاءِ ان ۾ اعتراض جوڳي ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي واءِ ويلا ۽ هاءِ گهوڙا مچائي اٿو.

هي ڳالهہ بہ ذهن ۾ رهي تہ:

ايمان ۽ غيرت جي تقاضا ۽ تحقيق اها آهي تہ سيده فاطمة زهريٰ سلام الله عليها خود عدالت صديقي ۾ نہ وئي هئي بلڪ هن ڪنهن معتمد ماڻهو کي اوڏانهن موڪليو هو. جيئن حديث مبارڪ جي الفاظ مان ثابت آهي.

ان فاطمۃ ارسلت الی ابی بکر (بخاری شریف جلد 1 ص 526)

اعتراض 1

حب علي: ياءُ حضرت علي رضي الله عنہ کي فدڪ وٺڻ جي بلڪل طاقت هئي پر اهل بيت جو قانون آهي تہ هو غصب ٿيل شيءِ واپس نہ وٺندا آهن.

علي اڪبر: ادا جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ پوءِ توکي مڃڻو پوندو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله جن حضرت علي رضي الله عنہ جي خلافت غصب نہ ڪئي هئائون. اگر غصب ڪئي هئائون تہ پوءِ حضرت علي رضي الله عنہ جن واپس ڇو ورتي، جڏهن تہ اوهان (شيعن) جي عقيدي موجب اهل بيت غصب ٿيل

شيءِ واپس نہ وٺندا آهن.

ياءُ: اوهان (شيعہ) ان واقعي متعلق طرحين طرحين جون ڳالهيون ڪندا آهيو، ڪڏهن چوندا آهيو تہ حضرت علي رضي الله عنہ کي فدڪ وٺڻ جي طاقت تہ هئي مگر فتني فساد برپا ٿيڻ ۽ وقتي مصلحت جي خاطر فدڪ نہ ورتائون ڪڏهن چوندا آهيو تہ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن شير خدا کي صبر ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئي ان ڪري خاموش رهيا ۽ ڪڏهن چوندا آهيو تہ حضرت رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن بيبي سائڻ کي فدڪ هبہ ڪري ڏنو هو، ۽ ڪڏهن چوندا آهيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سيده کي فدڪ جي ملڪيت جو پروانہ لکي ڏنو هيو. مگر حضرت عمر رضي الله عنہ ڪسي ڦاڙي ڇڏيو هو.

دوست اوهان جون اهڙيون بي بنياد ڳالهيون بي وزنائتيون ۽ ناقابل تسليم آهن. ايترو بہ نٿا سوچيو تہ اهڙين واهيات ڳالهين ڪرڻ سان ”اسد الله الغالب شيرِ خدا مشڪل ڪشا“ جي شجاعت بهادري ۽ جوان مردي تي حرف اچي سگهي ٿو.

ٻڌاءِ: ڇا حضرت علي رضي الله عنہ جو اهو فرض نہ هو تہ مظلوم جي حمايت ڪري ظالم سان وڙهي غصب شده مال واپس ڏياري ها؟ چپ ڇو آهين؟ صاف ڇو نہ ٿو چوين تہ حضرت علي رضي الله عنہ جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي فيصلي کي درست پئي سمجهيو. حضرت علي رضي الله عنہ جو فرمان مبارڪ بہ آهي تہ:

فقال انی لاستحی من الله ان ارادشیئا منع منه ابوبکر وامضاه عمر

(ابن حديث شرح نهج البلاغة جلد 4 ص 94)

الله جو قسم مون کي حياءُ تو اچي تہ مان اهو (فدڪ) ڪيئن واپس ڪيان جنهن کي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ واپس نہ ڪيو. ٻئي جاءِ تي سندن ارشاد مبارڪ آهي.

قال كان يكره ان يدعى عليه مخالفة ابى بكر و عمر

(ابن حديد شرح نهج البلاغہ جلد 4 ص 86)

مان ان خوف کري واپس نہ ڪيم تہ متان مون تي ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ جي مخالفت جو الزام اچي وڃي. ثابت ٿيو تہ حضرت علي رضي الله عنہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ جي ان فيصلي کان مطمئن هيو تنهن ڪري مخالفت نہ ڪيائين.

اعتراض 2:

حب علي: ياءُ تنهنجو اهو چوڻ غلط آهي تہ سيده فاطمہ سلام الله عليها بذات خود عدالت صديقي نہ وئي آهي حالانڪہ اوهان جي معتبر ڪتابن (صحاح ستہ) ۾ صاف لفظ موجود آهن تہ سيده فاطمہ سلام الله عليها عدالت صديقي ۾ خود وئي هئي. ان فاطمة بنت رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم سالت ابابكر (بخاري جلد 1 ص 435)

هاڻي ڇا تو چوين؟

علي اڪبر: ها ادا ٻنهن قسمن جو روايتون ملن ٿيون وڃڻ واريون بہ ۽ نہ وڃڻ واريون بہ. ٿورو توجهہ ۽ غور ڪر. بذاتِ خود وڃڻ تہ سندس شان ۽ عظمت جي خلاف آهي جو هڪ

حقير دنيوي شيءِ لاءِ پري عدالت ۾ وڃي دست دراز ڪري ۽ چند ڪجين جي وڻن لاءِ گهر ڪان ٻاهر نڪري سيني جي سامهون اچي. شيرِ خدا مشڪل مشڪا جي زوجه ۽ دختر رسول صلي الله عليه وآله وسلم جنهن جو ڪنهن پاڇو به نه ڏٺو هجي، جنهن جو جنازو مبارڪ سندس وصيت مطابق رات جي اونداهي ۾ ڪنيو ويو ته متان ڪنهن غير محرم جي نظر بدن پاڪ تي پئجي وڃي ۽ هو قد و قامت جو اندازو هڻي سگهي، جنهن حضرت علي رضي الله عنه کي وصيت فرمائي ته مون کي تو ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه غسل نه ڏئي ان لاءِ ته متان غسل وقت ڪنهن جي نظر منهنجي جسم پاڪ تي پئجي وڃي، جنهن لاءِ روز محشر اعلان ٿئي ته نگاهون هيٺ ڪيو دختر رسول صلي الله عليه وآله وسلم جو گذر ٿئي ٿو. جنهن جي گهر ۾ جبرئيل عليه السلام بغير اجازت داخل نه ٿي سگهي.

بے اجازت جبریل ان کے گھر میں آتے نہیں

شان والے جانتے ہیں عزوشان اہل بیت

پوءِ اهڙي خاتون جيڪا شرم وحياء عفت عصمت جي مجسمه هجي ان جي متعلق اهڙو سوچڻ ته هوءَ عدالت صديقي ۾ بذات خود وئي هئي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. ٻيو ته اهڙي پاڪ بيبي پنهنجي خاوند جي اجازت کان سواءِ ڏارين جي ڪچهري ۾ ڪيئن وڃي سگهي ٿي.

انعامي اعلان:

جيڪڏهن ڪوبه (شيعه) حضرت علي رضي الله عنه جو سيده فاطمة زهريٰ سلام الله عليها کي ڏارين جي

ڪچهري ۾ وڃي ڪري گفتگو ڪرڻ جو اجازت نامہ ڏيڪاري تہ (3000) ٽي هزار روپيہ انعام ڏيندس.

لھٰذا اهڙو سوچڻ بہ غلط آهي تنهن ڪري تضاد وارين روايتن ۾ تضاد کي دور ڪرڻ لاءِ تاويل کان ڪم وٺڻو پوندو تہ جيئن ڪنهن بہ پاڪ هستي تي ڪو داغ نہ لڳي سگهي، جن روايتن ۾ وڃڻ جو ذڪر آهي اهي مجاز تي محمول آهن ۽ جن روايتن ۾ ڪنهن ٻئي کي موڪلڻ جو ذڪر آهي اهي حقيقت تي محمول آهن، ٻئي کي موڪلڻ بہ پاڻ وڃڻ آهي جيئن بادشاه جي حڪم سان وزيرن جو ڏيڻ بادشاه جو ڏيڻ هوندو آهي. عزرائيل جو موت ڏيڻ الله جو موت ڏيڻ آهي. اهڙي طرح سان سيده خاتون جنت جي حڪم سان ڪنهن ماڻهو جو وڃڻ گويا سيده جو وڃڻ آهي.

اتي مجازي نسبت آهي، ڳالهہ سڌي ۽ ظاهر آهي رڳو عقل ۽ سمجهہ جو ڦير آهي، زياده بحث جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي اوهان (شيعن) جي معتبر ڪتابن ۾ خود لکيل آهي سيده پاڻ نہ وئي هئي بلڪ ٻئي ماڻهو کي موڪليو هئائين.

حضرت سیدہ فاطمۃ زہراء سلام اللہ علیہا نے کسی کو ابو بکر کے پاس بھیجا اور اپنے بابا کی میراث کی طالب ہوئیں

(شيعن جو معتبر ڪتاب: بحار الانوار اردو جلد 3 ص 212)

خدواند تعاليٰ شل اوهان (شيعن) کي سمجهہ ۽ عقل ڏئي جو صحيح حقيقت کي سمجهي سگهو.

اعتراض 3:

حب علي: ادا اها حديث (ان الانبياء لم يورثوا) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي پنهنجي ٺهيل هئي جيڪا

اولاد رسول جي حق تلفي لاءِ وضع ڪئي هئي.

علي اڪبر: اوهان جو اهو نظريو بلڪل غلط ۽ تعصب تي مبني آهي. حديث مشهور ۽ معروف آهي صحاح جي ڪتابن ۾ موجود آهي پڙهي ڏس:

بخاري شريف جلد 1 ص 435 ۽ **جلد** 2 ص 995

ابن ماجه ص 20 --- **تر مذي جلد** 2 ص 93

ابوداؤد جلد 2 ص 414 **مسلم جلد** 2 ص 92

مشڪواة جلد 1 ص 34

صحابہ ڪرام براه راستہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کان اها حديث ٻڌي هئي.

فقال ابوبکر و عمر ان اسمعنا النبی صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم یقول انی لا اورث

مسند ابی بکر جی طبع بیروت.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ فرمايو تہ اسان خود نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان ٻڌو آهي تہ منهنجي ميراث تقسيم نہ ٿيندي آهي حضرت عائشہ رضي الله عنهما کان روايت آهي.

ان النبی صلی اللہ علیہ وآلہٖ وسلم قال انا لانورث ما ترکنا صدقة

(بخاری جلس 2 ص 996)

بيشڪ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم تہ تحقيق اسان جي وراثت تقسيم نہ ٿيندي آهي جو ڪجھ ڇڏي ويندا آهيون اهو صدقہ هوندو آهي اهڙي طرح سان حضرت ابوهريره رضي الله عنہ کان بہ روايت آهي.

ان رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم قال لا تقتسم ورثتي دينارا ما تركت بعد نفقة نسائي ومونة عاملي فهو صدقة (بخاري جلد 2 ص 996)

علاوہ ازين ان حديث جي تصديق حضرت علي رضي الله ۽ حضرت عباس رضي الله عنہ بہ پڻ ڪئي آهي.

عن مالك بن اوس بن الحدثان قال دخلت على عمر فدخل عليه عبدالرحمٰن بن عوف وطلحة وسعد وجاءِ علي والعباس يختصمان فقال لهم عمر انشدكم بالذي باذنه تقوم السماءُ والارض اتعلمون ان رسول الله صلى الله عليه وآلهٖ وسلم قال لا نورث ما تركنا صدقة فقالو اللهم نعم. (ترمذی جلد 1 ص 194) بخاری جلد 1 ص 436) (بخاری جلد 2 ص 996) (مسلم جلد 2 ص 90)

مالڪ بن اوس چيو تہ آءٌ حضرت عمر رضي الله عنہ وٽ ويس تہ عبد الرحمٰن بن عوف رضي الله عنہ حضرت طلحہ رضي الله عنہ ۽ حضرت سعد رضي الله عنہ اچي ويا ۽ علي ۽ عباس رضي الله عنهم بہ جهڳڙو ڪندا آيا پوءِ انهن کي حضرت عمر رضي الله عنہ فرمايو تہ آءٌ توهان کي ان ذات جو قسم ڏيان ٿو جنهن جي امر سان آسمان ۽ زمين برقرار آهن توهان ڄاڻو ٿا تہ رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فرمايو هو تہ اسان جو وارث نہ بڻايو ويندو آهي جيڪي ڇڏيو سون اهو صدقہ آهي حاضرين هائو ڪئي. ايڏي واضع ثبوت هوندي حديث کي جڙتو ڪيئن ٿو چئي سگهين.

اعتراض 4:

حب علي: توهان جا (صحاح ستہ) ڪتاب اسان جي لاءِ حجت

تہ ڪونہ آهن اگر اها حديث صحيح آهي تہ اسان جي ڪنهن معتبر ڪتاب ۾ ڏيکاريا ڪنهن امام جو اهڙو ارشاد مبارڪ ڏيکار جنهن ان حديث جي تصديق ڪئي هجي.

علي اڪبر: ها ادا اها حديث اوهان (شيعن) جي معتبر ڪتاب اصول ڪافي ۾ موجود آهي اصول ڪافي جي تصديق بقول اوهان جي امام غائب عليہ السلام ڪئي آهي ۽ ان ۾ سڀ حديثون صحيح ۽ متعبر آهن. ٻڌ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو ارشاد مبارڪ آهي:

ان العلماء ورثة الانبياء ان الانبياء لم يورثوا دينارا ولا درهما ولكن ورثوا العلم فمن اخذ من اخذ بحظ وافر (اصول کافی جلد1ص27)

امام محمد جعفر صادق رضہ جو ارشاد: تہ ٻڌ!

عن ابی عبدالله علیه السلام قال ان العلماء ورثة الانبياء وذاك ان الانبياء لم يورثوا درهما ولا دينارا وانما اورثوا احاديث من احاديثهم (شيعن جو معتبر کتاب (اصول کافی جلد1ص24)

انهن ٻنهين عبارتن جو مطلب هي آهي تہا انبياء عليهم السلام جا وارث علماء آهن انبياء پنهنجي وراثت ۾ درهم و دينار ڇڏي نہ ويندا آهن بلڪ اهي صرف علم ۽ حڪمت ڇڏي ويندا آهن. جن انهن جي علمي ذخيره مان حسب استعداد حاصل ڪيو گويا انهن وڏو حصو ورتو.

ٻڌاءِ ڇا علماء انبياء عليہ السلام جي ملڪيت جا وارث آهن يا علم وحڪمت جا؟ اهڙيون روايتون اوهان (شيعن) جي ٻين ڪتابن ۾ بہ موجود آهن پڙهہ (شيعن جا معتبر ڪتاب)

(بصائر الدرجات الکبریٰ ص 30،31)

(امالی الصدوق ص 58) تفسیر فرات 822 وغیرہ

دوست: هاڻي تہ توکي مجڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ رهيو آهي. هڻ ڏرمي ۾ ضديت کي ڇڏي ڏي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ۽ امام محمد جعفر صادق رضي الله عنہ جي فرمان مبارڪ کي مڃي حديث کي صحيح تسليم ڪري پنهنيج قعيدي ۽ ايمان کي درست ڪر.

اعتراض 5:

حب علي: ياءُ حقيقت تي پردو نہ ڏي، توهان جي معتبر ڪتاب تاريخ الخلفاء ۾ صاف لفظن سان لکيل آهي تہ جڏهن ميراث جو جهڳڙو هليو تہ ان جي متعلق ڪنهن وٽان ڪا بہ حديث نہ ملي سگهي، صرف حصرت ابوبڪر صديق رضہ ئي ان حديث "ان الانبياء لم يورثو" کي بيان ڪيو، جنهن مان صريحا ثابت ٿئي ٿو تہ:

ان جو راوي صرف حضرت ابوبڪر صديق رضہ ئي آهي.

علي اڪبر: بس يار خدا تعاليٰ توکي سمجهہ ڏئي جو حقيقت کي سمجهي سگهين. ان مسئلي کي وضاحت سان بيان ڪري آيو آهيان، ياءُ تاريخ الخلفاء هڪ تاريخي ڪتاب آهي ان ۾ جيڪي ڪجهہ لکيل آهي اهو قرآن ۽ حديث تہ نہ آهي جو اکيون ٻوٽي آمنا صدقنا ڪريون، حديثون بيان ڪري آيو آهيان تہ اها حديث نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان بيان ٿيل آهي ۽ ان جي تصديق سيني صحابہ ڪرام ڪئي آهي، پر خود حضرت عباس رضي الله عنہ ۽ حضرت

علي رضي الله عنہ جن پڻ ڪئي آهي ۽ ان جي صحيح هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبہ نہ آهي. ها باقي اها ڳالهہ ضرور ٿي سگهي ٿي تہ ان حديث جو اظهار سڀ کان اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڪيو هجي ۽ ياد ڏيارڻ تي سيني کي ياد اچي وئي هجي جنهن مان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي علم ۽ حافظي جو ثبوت ملي ٿو. بخاري شريف ۾ آهي تہ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ مجمع صحابہ ۾ ان حديث جي متعلق قسم ڏئي پڇا ڪئي تہ سيني چيو واقعي حضور عليہ الصلوة والسلام جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ اسان ڪنهن کي پنهنجو وارث نہ بڻائيندا آهيون جو ڪجهہ ڇڏي ويندا آهيون اهو صدقہ هوندو آهي، ان وقت حضرت عباس رضي الله عنہ ۽ حضرت علي رضي الله عنہ کان علاوه ازواج مطهرات ۽ ٻيا جليل القدر صحابہ موجود هئا جن ان حديث جي تصديق ڪئي پوءِ اهڙي صورت ۾ ان حديث جو راوي فقط حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي چوڻ يا ان حديث کي جُڙتو يا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي ٺهيل حديث چوڻ انتها درجي جي بي علمي ۽ دشمني جو نتيجو آهي.

اعتراض 6:

حب علي: يار اها حديث سيده فاطمة الزهراء سلام الله عليها جي ٻڌل نہ هئي ڇا؟ جو گهر ڪيائين.

علي اڪبر: ادا بلڪل ٻڌل هئي پر ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت ذهن مبارڪ کان لهي وئي هجي. ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين

ٻہ ٽيندو آهي. ڇا توکي حضرت آدم عليہ السلام جو قصو ياد نہ آهي جو الله تعاليٰ کيس جهليو:

وَلَا تَقْرَبَا هَٰذِهِ الشَّجَرَةَ (البقرہ 35) تہ هن وڻ جي ويجهو نہ وڃجو باوجود ممانعت جي ان جي ويجهو ويو اوهان (شيعن) جي معتبر ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ٻيپهري جي نماز پڙهائيندي ٻن رڪعتن ڪان پوءِ سلام ورايو، ياد ڳيري ڏيارڻ تي رهيل ٻہ رڪعتون پوريون ڪري سهو جو سجدو ڏئي سلام ڦيرائون پڙهہ: شيعن جو معتبر ڪتاب (الفقه المنسوب الامام الرضا عليه السلام ص 120)

اوهان (شيعن) جي ٻئي معتبر ڪتاب (الاستبصار جلد 1 ص 433) تي لکيل آهي تہ هڪ دفعي حضرت علي ظهر جي نماز بغير وضو جي پڙهائي. نماز پڙهائڻ ڪان پوءِ ڪجهہ وقت بعد ڪيس وضو نہ ڪري نماز پڙهائڻ جي ڳالهہ ياد آئي ان لاءِ ڪوفي ۾ اعلان ڪرايائين تہ مان ڀُل ۾ بغير وضو جي نماز پڙهائي آهي تنهن ڪري هر ڪو پنهنجي ٻيهر نماز پڙهي ڇڏي عبارت پڙهہ:

عن ابي عبدالله عليه السلام قال صلى الله عليه السلام بالناس على غير طهر وكانت الظهر فخرج مناديه ان امير المومنين عليه السلام صلى على غير طهر فاعيدوا وليبلغ الشاهد الغائب.

هاڻي ٻڌاءِ تہ حضرت آدم عليہ السلام حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ۽ حضرت علي رضي الله عنہ ۽ جي متعلق ڇا تو چوين ڪين خبر نہ هئي يا توجهہ نہ رهيو. خداوند تعاليٰ شل سمجهہ ۽ هدايت ڏيو.

ٻيو گهرڻ جو هي ٻہ سبب ٿي سگهي ٿو جو مبادا

سندن اولاد مان اڳتي هلي ڪو باغ فدڪ جي دعويٰ نہ ڪري لهذا ان ڳالھ جي وضاحت مطلوب هئي ڇو تہ اهلِ بيت جي هر فعل ۾ راز رکيل هوندو آهي.

عقل ريءِ عذابَ گهڻا پسنديںءِ جِندڙي

اعتراض7:

حب علي: اها حديث "لانورث" قرآني آيت جي خلاف آهي قرآن پاڪ مان ثابت آهي تہ اولاد ميراث مان حقدار آهي.

يُوصِيكُمُ اللّٰهُ فِي أَوْلَادِكُمْ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنْثَيَيْنِ (النساء 11)

ترجمو: الله تعاليٰ توهان کي حڪم ڏئي ٿو توهان جي اولاد جي باري ۾ پٽ جو حصو ٻين ڌيئرن جي برابر اهي.

ڏس اهو حڪم عام آهي ان ۾ نبي غير نبي سڀ داخل آهن پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سيده کي حق نہ ڏئي قرآني آيت جي خلاف ورزي ڪئي آهي.

علي اڪبر: بلڪل غلط ٿو چوين اها حديث "لانورث" قرآني آيت جي خلاف بلڪل نہ آهي بلڪ ان جي توضيع ڪري رهي آهي ۽ واضع ٻڌائي رهي آهي تہ:

يُوصِيكُمُ اللّٰهُ جي خطاب ۾ حضور صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن داخل نہ آهن. جيڪڏهن هرو ڀرو بہ ضد ڪري چوين تہ هن حديث سان آيت جي مخالفت لازم اچي ٿي تہ پوءِ اهو اعتراض اوهان (شيعن) تي بہ ٿي سگهي ٿو ڇو تہ اوهان جي ڪتابن ۾ اهڙي قسم جون تخصيصات موجود آهن. مثلا مسلمان اولاد ڪافر پيءُ جي جائداد جي وارث ٿي نہ ٿي سگهي يا ان جي برعڪس ڪافر جي اولاد مسلمان پيءُ جي جائداد جي وارث نہ ٿي ٿئي سگهي پڙھ پنهنجو (شيعن جو)

معتبر ڪتاب سرائع الاسلام. حالانڪ آيت ۾ حڪم سڀ جي لاءِ عام آهي پوءِ تخصيصات ڇا جي؟ ٻڌاءِ ته اتي ڇا تو چوين دوست ڪجھ سوچ ۽ سمجھ ڪر. آيت ۾ اهو حڪم افراد امت لاءِ آهي حضور صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن ان ڪان مستثنيٰ آهن قرآنؐ پاڪ ۾ متعدد اهڙيون آيتون آهن جن ۾ خطاب ته حضور صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن کي آهي مگر ان ڪان مراد امت آهي.

فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَاءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ (انساء3)

نڪاح ڪيو عورتن سان جن کي توهان پسند ڪيو 2 يا 3 يا 4 تائين هن آيت جي مطابق هڪ مسلمان بيڪ وقت چار عورتون نڪاح ۾ رکي سگهي ٿو وڌيڪ نه. مگر حضور صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن ان حڪم ڪان مستثنيٰ آهن. جيتريون چاهن نڪاح ۾ رکي سگهن ٿا ان ڪان علاوه مندرجہ ذيل آيتن ٽي بہ غور ڪر.

وَلَا تُبْطِلُوْٓا اَعْمَالَكُمْ (محمد33)

وَتُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ (محمد22)

وَمَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ (البقره217)

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ (الحجرات7)

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ (التوبه128)

فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (آل عمران31)

حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ (اتوبه128)

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ (الحجرات7)

ڏس انهن آيتن ۾ "ڪم" خطاب جو صيغہ موجود آهي

مگر با اتفاق شيعہ سني حضور ﷺ جن ان ۾ داخل نہ آهن بلڪ هتي مراد امت آهي. اهڙي طرح سان ”يوصيكم الله“ ۾ بہ مراد امت آهي ثابت ٿيو تہ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ جو عمل قرآني ايت جي بلڪل موافق آهي.

اعتراض 8:

حب علي: ادا تنهنجو اهو چوڻ غلط آهي تہ انبياءَ ڪرام جو مالي ترڪ تقسيم نہ ٿيندو آهي. قرآن ۾ آهي تہ:

وَوَرِثَ سُلَيۡمَانُ دَاوُۥدَ (النمل 16) يعني حضرت سليمان عليہ السلام پنهنجي والد محترم حضرت دائود عليہ السلام کان وراثت ورتي. ثابت ٿيو تہ نبي جي وراثت تقسيم ٿي سگهي ٿي ۽ نبي وارث بہ ٿي سگهي ٿو.

علي اڪبر: اها تنهنجي علم ۽ عقل جي ڪوتاهي آهي اتي وراثت مان مالي وراثت نہ بلڪ علمي وراثت مراد آهي يعني حضرت سليمان عليہ السلام پنهنجي والد گرامي حضرت دائود عليہ السلام جو علمي وارث بڻيو جيڪڏهن اتي وراثت مالي مراد هجي ها تہ حضرت دائود عليہ السلام کي حضرت سليمان عليہ السلام کان علاوه بيا بہ 18 فرزند هئا پڙهہ (منهج الصادقين) شيعن جو معتبر ڪتاب.

پوءِ انهن کي بہ وراثت مان ضرور ڪجهہ ملي ها ۽ مضمون هن طرح هجي ها وَوَرِثَ سُلَيۡمَانُ واخوته دَاوُۥدَ حضرت سليمان عليہ السلام ۽ سندس ڀائر پنهنجي پيءُ حضرت دائود عليہ السلام جا وارث بڻيا مگر ائين نہ آهي. قرآن پاڪ مان ثابت آهي تہ ميراث صرف حضرت سليمان عليہ السلام

ڪي مليو آهي ۽ ٻيا پائر محروم رهيا آحن.

ٻڌاءِ تہ پيءُ جي ورثي مان هڪ پٽ کي ورثو مليو ۽ ٻيا پٽ محروم رهي سگهن ٿا ڇا؟ جيڪڏهن ها تہ ڪهڙي سبب ڪري ۽ ڇو محروم رهيا جيڪڏهن نہ ۽ هرگز نہ تہ پوءِ مڃڻو پوندو تہ اتي ميراث کان مراد علم ۽ نبوت آهي. جيڪا فقط سليمان عليہ السلام کي ملي ۽ ٻيا ان نعمت کان خالي رهيا ڇو تہ:

ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ وَاللهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ (مائدہ54)

تاڪيد لاءِ قرآڻ پاڪ جي آيت ٻڌ

وَوَرِثَ سُلَيْمَانُ دَاوُودَ وَقَالَ يَا أَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ (النمل16)

وارث ٿيو حضرت سليمان عليہ السلام دائود جو. چيائين حضرت سليمان عليہ السلام اي انسانو اسان کي جانورن جي ٻولي سيکاري وئي آهي.

ڏس اتي بہ صاف ميراث ۾ علم ۽ نبوت مراد آهي. هي توهان (شيعن) جو معتبر ڪتاب اصول ڪافي آهي ان ۾ بہ اهائي معنيٰ مراد آهي. پڙهہ!

فقال ابو عبدالله عليه السلام ان دائود ورث علم الانبياءِ وان سليمان ورث دائود وان محمد صلى الله عليه وآلہٖ وسلم ورث سليمان وانا ورثنا محمدا صلى الله عليه وآلہٖ وسلم (اصول ڪافي جلد1 ص175)

حضرت امام جعفر صادق عليہ السلام فرمايو تہ حضرت دائود عليہ السلام حضرت انبياء جي علم جو ۽ حضرت سليمان عليہ السلام حضرت دائود عليہ السلام جي علم جو وارث ٿيو. ۽ اسين حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جا وارث آهيون. هاڻي تہ چڱي طرح سان سمجهي

ويو هوندين تہ حضرت سليمان عليہ السلام کي وراثت مالي نہ بلڪ علم ۽ حڪمت جي ملي هئي.

اعتراض 9:

حب علي: ياءُ تنهنجي اها ڳالهہ ڪٿي صحيح مڃان پر سيده حضرت فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها حضرت علي رضي الله عنہ ۽ حضرت ام ايمن جهڙا مقدس گواهہ پيش ڪيا مگر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ انهن جي شاهدي کي رد ڪري قبول نہ ڪيو ٻڌاءِ ڇا اهو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو ظلم نہ آهي؟

علي اڪبر: دوست بلڪل غلط ٿو چوين. سيده حضرت فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها جي طرف کان "هبہ" جي دعويٰ ڪرڻ ۽ ان تي حضرت علي رضي الله عنہ ۽ ام ايمن جي گواهي ڏيڻ اسان (اهلسنت) جي ڪنهن بہ معتبر ڪتاب ۾ اهڙي روايت با سند صحيح موجود نہ آهي. اهو اوهان (شيعن) جو هٿ نوڪيو ٽوٽڪو آهي. جنهن جو ڪوبہ صحيح روايت سان ثبوت ڪونہ ٿو ملي. جيڪڏهن ڪني تنهنجي ان جڙتو ڳالهہ کي ٻن منٽن لاءِ تسليم بہ ڪيون تہ بہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي ڪوبہ الزام اچي نہ ٿو سگهي ڇو تہ سيده وٽ نصابِ شهادت پورو نہ هيو دعويٰ جي ثبوت لاءِ بہ مرد يا هڪ مرد ۽ ٻہ عورتن جي گواهي بحڪم قرآن ضروري هوندي آهي ٻڌ قرآن:

وَاسْتَشْهِدُوا شَهِيدَيْنِ مِنْ رِجَالِكُمْ فَإِنْ لَمْ يَكُونَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَامْرَأَتَانِ

(البقره 282)

نصاب شهادت مڪمل نہ هجڻ جي صورت ۾ سيده

جي حق ۾ فيصلہ ڏئي قرآن پاڪ جي حڪم جي خلاف ورزي ڪيئن ڪري ها ثابت ٿيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو فيلصو بحڪم قرآن درست هيو اوهان (شيعن) جي معتبر ڪتابن ۾ چٽا لفظ موجود آهن تہ جڏهن سيده فدڪ جو سوال ڪيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ فرمايو تہ سيده منهنجا پيءُ ۽ ماءُ اوهان تان قربان ٿين اوهان منهنجي لاءِ قابل صد احترام آهيو صادقہ ۽ امين آهيو.

قال لها ابوبكر لما طلبت فدك بأبي انت وامى انت عندى الصادقة الامينة ان كان رسول الله صلى الله عليه وآلہ وسلم عهد اليك فى ذالك عهدا او وعدك به وعدا صدقتك وسلمت اليك فقالت لم يعهد الى فى ذالك (شرح ابن الحديد جلد 4 ص 85)

جيڪڏهن حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن توهان سان فدڪ جي معاملي ۾ ڪو عهد ۽ وعدو ڪيو آهي تہ مان ان کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ فدڪ اوهان جي حوالي ڪندس.

سيده فرمايو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن مون سان فدڪ جي معاملي ۾ ڪوبہ عهد نہ فرمايو هو.

ڏسو سيده خود اقرار ڪري ٿي تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فدڪ جي معاملي ۾ ساڻس ڪو بہ عهد ۽ واعدو نہ ڪيو هو تہ پوءِ اعتراض ۽ بڪواس ڇا جي آهي؟

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي اهلبيت سان محبت ۽ عقيدت تہ ڏسو جو سيده کي عرض ڪري ٿو

ته منهنجا پيءُ ماءُ اوهان تان گهور تين اوهان قابل صد احترام صادقه ۽ امينه آهيو. مون ي فقط ايترو ٻڌايو ته حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن اوهان کي باغ فدک ڏنو يا اهڙو ڪوئي عهد يا واعده ڪيو هو ته مان ان کي تسليم ڪيان ۽ فدک اوهان جي حوالي ڪري ڇڏيان. سيده چيو ته اهڙو ڪوبه عهد نه فرمايو هو. ٻڌاءِ جيڪڏهن ”هبه“ ڪيل هجي ها ته ٻڌائي ها رسيد لکيل هجي ها ته ڏيکاري ها وصيت ئي ڪيل هجي ها ته به ٻڌائي ها شاهد ته نه مڃڻ جي صورت ۾ پيش ڪبا آهن جيئن ڳالهه وزنائتي ۽ درست ثابت ٿئي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ته سيده جي هر ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار آهي. ڪيس صادقه ۽ امينه تسليم ڪري رهيو آهي ته پوءِ شاهدن پيش ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد هو ثابت ٿيو ته اهي اوهان (شيعن) جا لفظ ناهه آهن صحابه ڪرام سان دشمني جا دليل آهي. اوهان شيعن جا ڪتاب شاهد آهن ته حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن جي زندگي مبارڪ جي آخري لمحات ۾ سيده فاطمه زهريٰ سلام الله عليها پنهنجي شهزادن حضرت امام حسين رضي الله عنه ۽ امام حشين رضي الله عنه کي ساڻ ڪري ورث جو مطالبو ڪندي عرض ڪيو ته يا رسول الله صلي الله عليه وآلہٖ وسلم.

یہ آپ کے دونوں فرزند ہیں انہیں بھی اپنی کسی چیز کا وارث بنا دیجیے آنحضرت صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نے فرمایا حسن میری ہیبت اور سیادت کا وارث ہے اور حسین میری شجاعت اور سخاوت کا وارث ہے (بحار الانوار اردو ج 10 ص 59 شيعن جو معتبر ڪتاب)

ٻڌاءِ حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ امام حسين رضي الله عنه کي ميراث مان کھڙو مال ۽ دولت مليو، دوست توکي مجنو پوندو تہ حديث "ان الانبياء لم يورثوا" بلڪل صحيح آهي انبياء جي ميراث دنياوي مال ۽ دولت نہ آهي بلڪ علم شريعت آهي تڏهن تہ حضرت امام حسن رضي الله عنہ کي هيبت ۽ سيادت ۽ امام حسين رضي الله عنہ کي شجاعت ۽ سخاوت جو ورثہ مليو. سچ ڪري پڇيو تہ اوهان (شيعن) کي اهڙي اعتراض ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪو نہ ٿو پهچي ڇو تہ اوهان جي مذهب ۾ عورت کي زمين جي وراثت مان ڪجھ بہ نہ ٿو ملي سگھي. پڙھ پنهنجا اصول اربع جا ڪتاب شيعن جا معتبر ڪتاب.

من لا يحضره الفقيه جلد 4 ص 251 استبصار جلد 4 ص 152 فروع ڪافي ۾ تہ مستقل باب آهي:

باب ان النساء لا يرثن من العقار شيئا

يعني عورتون زمين جي وراثت مان ڪجھ بہ نہ تون وني سگھن. عن ابي جعفر عليه السلام قال النساء لا يرثن من الارض ولا من العقار شيئا (فروع کافی جلد7ص127)

امام ابو جعفر (محمد باقر رحمة الله عليہ) عليہ السلام فرمايو تہ عورتن کي زمين جي وراثت مان ڪجھ نہ ملندو.

جڏهن اوهان جي مذهب مطابق عورتن کي زمين مان ڪجھ ملندو ئي نہ تہ پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي نہ ڏيڻ جو اعتراض ئي غلط آهي.

اعتراض 10:

محب علي: ادا سيده فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها جو گذر سفر انهيءَ باغ فدڪ تي هو، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اهو کسي ويو پوءِ سيده پنهنجي زندگي بي بسي ۽ بي ڪسي ۾ گذاري. ٻڌاءِ ڇا اهو سيده سان ظلم نہ آهي؟

علي اڪبر: بلڪل غلط بياني آهي، تفصيل سان ٻڌايئي آيو آهيان تہ سيده ڪي فدڪ نہ "هبہ" ٿيل هو ۽ نہ قبضو وتسلط ۾ هو. اهو تہ مال "فئي" هو جيڪو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ۽ وررثہ نہ هو پوءِ ان تي گذر سفر جو ڇا مطلب ٻيو تہ جڏهن ڪا شيءِ قبض وتسلط ۾ نہ هئي. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڪسي ڇا ويو ۽ ظلم ڇا جو؟ بس ادا اهي اوهان جي ذاڪرن جون هٿرادو نهيل ڳالهيون آهن جن جو حقيقت سان تر جيترو بہ تعلق نہ آهي، ها گذر سفر لاءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ فدڪ جي آمدني مان سڀ کان اول اهل بيت ڪرام ڪي پنهنجو مقرر حصو ڏيندو هو جنهن مان اهل بيت سڳورا گذر سفر آساني سان ڪندا هئا.

پڙهي ڏس پنهنجا ڪتاب:

وكان ابوبكر ياخذ غلتها فيدفع اليهم منها ما يكفيهم

(شرح نهج البلاغة ابن ابی الحدید جلد4 ص80)

شرح نهج البلاغة بحرانی جلد2 ص418)

۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ فدڪ جي آمدني مان اهل بيت ڪي ڏيندو هو جيڪو انهن لاءِ ڪافي هو.

ثابت ٿيو تہ سيده کي گهڻو ڪجھ ملندو هو جيڪو سندن گذر سفر لاءِ ڪافي هو ۽ هي بہ ثابت ٿيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ فدڪ جي معاملي ۾ نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي دستور مطابق عمل ڪيو ۽ ان ڪا بہ خيانت نہ ڪيائون.

يار اوهان (شيعن) جي ڪتابن جي مطاعلي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سيده هڪ وڏي ملڪيت جي مالڪ هئي. باغ فدڪ کان علاوه ست ٻيا باغ بہ سندن قبضي ۾ هئا.

ايڏي وڏي ملڪيت هوندي پوءِ سيده جي مفلسي ۽ مظلوميت جي داستانن بيان ڪرڻ جو ڪهڙو مقصد آهي.

اعتراض 11:

حب علي: اسان جي ڪهڙي ڪتابن ۾ ائين لکيل آهي حوالہ ڏي؟

علي اڪبر: توهان جي معتبر ڪتابن فروع ڪافي ۽ مناقب آل ابي طالب ۾ ائين لکيل آهي، ڪولي پڙھ، امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنہ کان روايت آهي.

فلما قبض جاء العباس يخاصم فاطمة عليها السلام فيها فشهد على عليه السلام وغيره انها وقف على فاطمة عليها السلام وهى الدلال والعواف والحسنى والصافية ومالام ابراهيم والميثب والبرقة (فروغ كافى جلد 7ص 47مناقب آل الله طالب جلد من 169)

جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن رحلت فرمائي ويا تہ حضرت عباس رضي الله عنہ سيده فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها سان ستن باغن جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو حضرت علي رضي الله عنہ ۽ ٻين گواهي ڏني

تہ اهي سڀ حضرت سيده فاطمہ زهريٰ رضي الله عنها کي وقف ڪيا ويا آهن اهي ست باغ هي آهن 1 دلال 2 عواف 3 حسنيٰ 4 صافيہ 5 مالام 6 ابراهيم 7 ميثب ۽ برقہ ياءُ ان عبارت کي پڙهہ ۽ غور ڪر.

1. هن مان توهان (شيعن) جا ذاڪراڻا قصا (فدڪ غصب ڪيو نہ ڏنائون. سيده مفلسي بي بسي ۽ تنگ دستي سان زندگي گذاري. سيده تي ظلم ڪيا وغيره غلط ثابت ٿيا.

2. حضرت عباس رضي الله عنہ کي جهڳڙي جي باوجود بہ ميراث نہ ڏني وئي حضرت علي رضي الله عنہ گواهي ڏني تہ اهي باغ حضرت فاطمہ کي وقف ڪري ڏنا ويا آهن ۽ وقف ۾ ميراث جاري نہ ٿيندي آهي.

ٻڌايو جيڪڏهن ميراث نہ ڏيڻ تي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي ظلم ڪرڻ جو اعتراض ڪيو ٿا تہ پوءِ حضرت سيده فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها لاءِ ڇا ٿا چئو جنهن حضرت عباس رضي الله عنہ کي ميراث نہ ڏني. جيڪڏهن حضرت سيده فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها جو ميراث نہ ڏيڻ رسول الله جي حديث مبارڪ تي عمل ڪرڻ هو تہ پوءِ حضرت سيده فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها جو ميراث نہ ڏيڻ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي حديث مبارڪ تي عمل ڪرڻ هو تہ پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو بہ باغ فدڪ نہ ڏيڻ ۽ اهو چوڻ تہ "مال وقف ۾ ميراث جاري نہ ٿيندو آهي" ظلم ڪرڻ نہ هو بلڪ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي حديث مبارڪ تي عمل ڪرڻ هو. نہ ڏيڻ سبب جيڪا فتويٰ حضرت

ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ تي اها فتويٰ حضرت
ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ تي اها فتويٰ حضرت
سيده فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها تي بہ هڻو؟ ماهو جوابڪم فهو جوابنا

.. اها عبارت سيده عابده زاهده حضرت فاطمہ سلام الله عليها جي شان ۽ عظمت جي سخت خلاف آهي، هڪ طرف سيده کي عابده زاهده ۽ بتول بہ چئو تا بتول جي معنيٰ آهي دنيا کان بي نياز ۽ ٻئي طرف وڏير جائداد جي مالڪياڻي بہ چئو تا گويا ڪہ ٻين عورتن وانگر معاذ الله حرص ۽ هوس رکندڙ هئي ٻنهن ڳالهين مان هڪ ڳالهہ درست ٿي سگهي ٿي يا تہ اوهان (شيعا) حضرت سيده کي بتول چئو يا وڏي جائداد جي مالڪہ. وڏي جائداد جي مالڪ تصور ڪرڻ بہ سيده جي شان ۽ عظمت جي توهين آهي ڇو تہ سندس ساري زندگي سادگي پرهيزگاري ۽ تقويٰ سان گذري دنيا کان لاتعلق حرص ۽ هوس کان پاڪ هئي "ويطهرکم تطهيرا" جي تصوير هئي، جاهلو ايترو بہ نہ ٿا سوچيو تہ اهڙن عبارتن مان هڪ غير مسلم شخص رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي ذات گرامي تي معاذالله اقربا پروري جو الزام لڳائي سگهي ٿو. ڇا اوهان کي ياد نہ آهي تہ خاتون جنت پنهنجي خانگي ڪم ڪاج لاءِ هڪ ٻانهي جو سوال ڪيو هو جنهن جي جواب ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ڪيس سبحان الله الحمد لله، الله اڪبر جي پڙهڻ جو حڪم ڏنو هو. الله تعاليٰ اهل بيت کي دنياوي مال و دولت ۽ زيب و زينت کان منع فرمايو آهي.

يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ قُل لِّأَزْوَاجِكَ إِن كُنتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيَاةَ الدُّنْيَا وَزِينَتَهَا فَتَعَالَيْنَ أُمَتِّعْكُنَّ وَأُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيلًا. وَإِن كُنتُنَّ تُرِدْنَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ وَالدَّارَ الْآخِرَةَ فَإِنَّ اللَّهَ أَعَدَّ لِلْمُحْسِنَاتِ مِنكُنَّ أَجْرًا عَظِيمًا (الاحزاب 28،29)

ترجمو: اي نبي (غيب ٻڌائيندڙ) پنهنجي ٻيبين کي فرماءِ جيڪڏهن توهان دنيا جي زندگي ۽ ان جي آرائش چاهيو ٿيون تہ پوءِ اچو تہ مان توهان کي مال ڏيان ۽ چڱي طرح ڇڏي ڏيان ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ ان جي رسول ۽ آخرت جو گهر چاهيو ٿيون تہ پوءِ بيشڪ الله توهان مان نيڪي وارين جي واسطي اجر تيار ڪري رکيو آهي.

خداوند تعاليٰ توهان کي هدايت ڏئي جو اهڙن واهيات اعتراض ڪرڻ کان باز اچي وڃو.

اعتراض 12:

حب علي: جيڪڏهن نبي جي ميراث تقسيم نہ ٿيندي آهي تہ پوءِ ازواج مطهرات کي حجرا ڇو ڏنا ويا ڪجهہ توهان بہ تہ سوچيو ۽ سمجهو؟

علي اڪبر: ٺڏو ٿي اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي جيڪڏهن اهڙي ڳالهہ هجي ها تہ صحابہ ڪرام اهل بيت عظام تابعين ۽ اهل مدينہ ۾ ان جو ذڪر ۽ شهرت هجي ها ۽ ان لاءِ آواز بلند ڪيو وڃي ها مگر اهڙو ڪوبہ ثبوت ڪونہ ٿو ملي حضرت فاطمہ سلام الله عليها ناراض ٿي تہ ٿي ڪڏهن ٿي؟ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ ٿي يا پاڻ ٿي؟

جيڪڏهن ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ٿي تہ ڇو؟ جڏهن تہ هن نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي حديث مبارڪ:

”ان الانبياء لم يورثوا“ ٻڌائي ڇا حديث ٻڌائڻ ڏوهه آهي؟

يا ڇا سيده پنهنجي والد جو فرمان ٻڌي ناراض ٿي؟ سيده جي متعلق اهڙو سوچڻ بہ غلط آهي ياءُ سيده حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي ناراض نہ هئي حديث بخاري جا اهي الفاظ (غضبت يا هجرت) سيده جا پنهنجا نہ آهن ذرا تفصيل سان ٻڌ! اها حديث صحاح جي ڪتابن ۾ چوڏهن جاين تي مذڪور آهي. جن مان ڇئن جاين تي ناراضگي جو ذڪر ڪيل آهي ۽ اها حديث صرف ٽن اصحابہ ڪان مروي آهي (ابو طفيل رضي الله عنہ) ابو هريره رضي الله عنہ) عائشہ صديقہ رضي الله عنها) انهن مان صرف عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي بيان ڪيل روايتن ۾ ابن شحاب زهري جي واسطي سان ان جي صرف هڪ شاگرد ”صالح“ جي ذڪر ڪرده روايت ۾ اهي ”غضبت“ جا لفظ آيا آهن.

محدث زهري جي اصليت:

دوست هي ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏ تہ حديث ۽ تاريخ جي هر اها روايت جنهن جو تعلق بنو اميہ ۽ بنو هاشم سان آهي ان ۾ ابن شهاب زهري پنهنجي رفض جا جوهر ڏيکاريا آهن ڪتابن جي مطالعہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو نادر جو رافضي هو ۽ تقيہ ڪري اهل سنت جي محدثن ۾ شمار ٿيندو هو.

مولانا پير قمر الدين سيالوي رحمة الله عليہ چوي ٿو تہ:

فدک والی روایت میں ایک شخص محمد بن مسلم ہے جس کو ابن شہاب زہری بھی کہتے ہیں صرف یہی راوی یہ روایت کرتا ہے اس کے ساتھ کوئی شاہد نہیں اور یہ

ابن شہاب زہری اہل تشیع کی اصول کافی میں بیسویں جگہ پر روایت کرتا نظر آتا ہے اور اہل تشیع کی فروع کافی تو اس کی روایتوں کے بل بوتے پر کتاب کی شکل اختیار کی ہے بھائیو اہل تشیع کے اس قدر مشہور و معروف کثیر الروایت آدمی کی روایت سے اہلسنت پر الزام قائم کرنا اور ائمہ صادقین کو جھٹلانا عجیب نثر و فکر ہے۔

اگر اہل تشیع کی راویوں کی روایات اہل سنت کے لئے قابل توجہ ہوتیں تو پھر. بخاری ہو یا کافی کلینی اس میں کیا فرق تھا۔

(مذہب شیعہ مولانا قمر الدین سیالوی ص 93 لاہور)

(يار هاڻي تہ ڳالھ چڱي طرح سمجهي ويو هوندين.

بي ڳالھ هي تہ: صالح جڏهن پنهنجي استاد زهري کان "لم تتكلم حتيٰ ماتت" جا الفاظ ٻڌا تہ هن انهن لفظن مان اندازو لڳايو تہ سيده فاطمة الزهريٰ حضرت ابوبکر رضي الله عنہ کان ناراض هئي تڏهن تہ مرندي گهڙي تائين هن سان ڪلام نہ ڪيائين.

ان اندازي ۽ قياس جي بنا تي هن "غضبت" جو لفظ پنهنجي طرف کان وڌايو آهي اهو راوي جو پنهنجو قياس ۽ اندازو آهي جيڪو غلط بہ ٿي سگهي ٿو سيده پنهنجي زبان مبارڪ سان ڪڏهن بہ ائين نہ چيو آهي تہ مان ابوبکر کان ناراض آهيان ڪنهن بہ حديث ۾ "غضبت فاطمة عليٰ ابوبکر صديق" حضرت فاطمہ ابوبکر تي ناراض هئي جا لفظ ڏيکار تہ تنهنجي ڳالھ کي سچو چوان بيو تہ ناراضگي دل جو هڪ فعل آهي جيتوڻيڪ متڪلم پنهنجي ناراضگي ۽ خوشي وغيره جو خود اظهار نہ ڪري تہ ٻئي ڪي ان جو علم نہ ٿي سگهندو آهي ها بعض اوقات قرائن وحالات سان

ان جو اندازو لڳايو ويندو آهي ليڪن اهو اندازو ڪڏهن غلط بہ ثابت ٿي ويندو آهي چاهي اندازو لڳائڻ وارو معصوم ڇو نہ هجي مثال طور حضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر عليہ السلام جو قرآني واقعو اسان جي سامهون آهي ڏسو حضرت موسيٰ عليہ السلام حالت ۽ قرائن سان جيڪو اندازو هنيو هو اهو غلط ثابت ٿيو حضرت خضر عليہ السلام پنهنجي ارادي کي ظاهر ڪري ڏيکاريو اهڙي طرح سان موسيٰ عليہ السلام پنهنجي قوم جي حالت ۽ واقعات مان هڪ اندازو لڳايو تہ منهنجي طور جبل تي وڃڻ کان پوءِ منهنجي ڀاءُ هارون منهنجي هدايت تي پوري طرح سان عمل نہ ڪيو، جو قوم خداوند تعاليٰ سان ٻئي کي شريڪ بڻائي پوڄڻ شروع ڪيو آهي ان ڪاوڙ ۾ پاڻ حضرت هارون عليہ السلام جي ڏاڙهي ۽ مٿي جي وارن کي وٺي ڇڪيو ليڪن موسيٰ عليہ السلام جو اهو اندازو درست نہ هيو ان ۾ هارون عليہ السلام بلڪل بي قصور هو. قرآن پاڪ جي انهن واقعن مان معلوم ٿيو تہ حقيقت جي وضاحت ان وقت درست ۽ يقيني ٿي سگهي ٿي.

جڏهن متڪلم ۽ فاعل خود ان قلبي فعل جي حالت جو اظهار ڪري حديثن مان ثابت آهي تہ هڪ دفعي حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ازواج مطهرات کان الڳ چند ڏينهن بالا خانہ ۾ قيام پذير ٿيا، خلوت نشيني ۽ عليحدگي مان ڪن صحابن سڳورن اهو اندازو ۽ قياس لڳايو تہ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن پنهنجي ازواج مطهرات کي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي. حضرت عمر رضي الله

عنہ ان تحقيق و تفتيش لاءِ بالاخاني ۾ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ان باري ۾ دريافت ڪيو تہ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فرمايو تہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي، مون طلاق نہ ڏني آهي اهي سڀ منهنجي نڪاح ۾ آهن، ڏسو ۽ غور ڪيو تہ بعض اوقات قياس ۽ اندازو هڻڻ غلط بہ ثابت ٿئي ٿو. فدڪ جي معاملي ۾ راوي ترڪ ڪلام ۽ سيده جي خاموشي مان اندازو ۽ قياس ناراضگي جو لڳايو آهي حالانڪ اهو ضروري نہ آهي تہ ترڪ ڪلام ۽ خاموشي ناراضگي جو دليل هجي، اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ: حضرت فاطمہ سلام الله عليها حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڪان حديث ٻڌي مطمئن ٿئي خاموش ٿي وئي هجي ۽ وڌيڪ ان معاملي تي گفتگو نہ ڪئي هجي، ڀلا سيده ناراض ٿئي تہ ڇو ٿي؟ جڏهن تہ حضرت ابوبڪر صديق حديث ٻڌائي رهيو آهي ۽ عرض ڪري رهيو آهي تہ انما ياڪل آل محمد في هٰذا المال (مسلم) تہ فدڪ جو مال آل محمد تي خرچ ڪندس.

... شبہ جو بنياد ئي ختم

... ن حديث جا هي الفاظ:

فَهَجَرَتْ اَبَابَكْرٍ فَلَمْ تَزَلْ مُهَاجِرَتَهٗ حَتّٰى تُوُفِّيَتْ (صحيح البخاري ج1ص435)

پوءِ فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان گفتگو ترڪ ڪري ڇڏي ايستائين جو سندس وصال ٿي ويو. اهي الفاظ هن ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا تہ حضرت فاطمہ

سلام الله عليها حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان ناراض هئي تڏهن تہ ابوبڪر صديق سان مرندي گهڙي تائين ڳالهائڻ چڏي ڏنائين.

علي اڪبر: ڏاڍو ڀُليل ۽ گمراهہ آهين جو قرآن ۽ حديث جي دليلن ڪي بہ تاويلات ٿو چوين. خداوند تعاليٰ شال توکي سڌي راهہ نصيب ڪري. ياءُ حديث جو اهو مطلب تہ نہ آهي جيڪو تو بيان ڪيو آهي حديث جو مطلب صاف ۽ واضع آهي.

فَلَمْ تُكَلِّمْهُ فِي ذَالِكَ الْمَالِ (فتح الباری لابن حجر ج6 ص202)

يعني فدڪ جي معاملي ۾ سيده حضرت ابوبڪر صديق سان گفتگو نہ ڪئي.

وَكَذَا نَقَلَ التِّرْمِذِيُّ عَنْ بَعْضِ مَشَائِخِهِ اَنَّ مَعْنَى قَوْلِ فَاطِمَةَ لِاَبِي بَكْرٍ وَعُمَرَ لَا اُكَلِّمُكُمَا اَى فِي هٰذَا الْمِيْرَاثِ (فتح الباری جلد6 ص202)

'اهڙي طرح سان امام ترمذي پنهنجي بعض مشائخ کان نقل ڪيو آهي تہ حضرت فاطمہ رضي الله عنها جي ان قول جو مطلب هي آهي تہ هن ميراث جي باري ۾ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر سان وري ڪابہ گفتگو نہ ڪئي.

وَكَذَا نَقَلَ التِّرْمِذِيُّ عَنْ بَعْضِ مَشَائِخِهِ اَنَّ مَعْنَى قَوْلِ فَاطِمَةَ لِاَبِي بَكْرٍ وَعُمَرَ لَا اُكَلِّمُكُمَا اَى فِي هٰذَا الْمِيْرَاثِ (فتح الباری جلد6 ص202)

اهڙي طرح سان امام ترمذي پنهنجي بعض مشائخ کان نقل ڪيو آهي تہ حضرت فاطمہ رضي الله عنها جي ان قول جو مطلب هي آهي تہ هن ميراث جي باري ۾ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر سان وري ڪابہ گفتگو نہ ڪئي.

وقوله في هذا الحديث فلم تكلمه يعني في هذا الامر ولا تقباضها لم تطلب منه حاجته (شرح مسلم جلسه ص)

راوي جو قول ته حضرت فاطمہ رضي الله عنها حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ سان گفتگو نہ ڪئي ان جو مطلب هي آهي تہ طلب وراثت جي سلسلي ۾ وري ڪابہ گفتگو نہ ڪئي. يعني حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ صحيح حديث ٻڌائڻ ڪان پوءِ حضرت فاطمہ بلڪل مطمئن ٿي ويئي جو وري ان سلسلي ۾ مرندي گهڙي تائين ڪابہ گفتگو نہ ڪئي.

چيلنج: ڪو بہ شيعہ ڪا بہ اهڙي هڪ صحيح هديث ڏيکاري جنهن ۾ لکيل هجي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ۽ سيده فاطمہ رضي الله عنها جي پاڻ ۾ ملاقات ٿئي پر گفتگو نہ ٿيو يعني دوران ملاقات سلام ۽ ڪلام نہ ٿيو هو تہ هڪ هزار روپيہ انعام ڏيندس.

نہ خنجر اٹھے گا نہ تلوار ان سے   یہ بازو میرے آزمائے ہوئے ہیں:

ياءُ توهان (شيعہ) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي فدڪ نہ ڏيڻ ڪري ناراض ٿيو تا پر سيده جي طلب ڪرڻ تي نبي پاڪ جن خود فدڪ نہ ڏنو هو. حديث ٻڌ:

وان فاطمة سالته ان يجعلها لها فابیٰ (ابوداؤد جلد 2 ص 415، مشکوات ص 53)

۽ تحقيق سيده فاطمہ رضي الله عنها فدڪ طلب ڪرڻ جي درخواست ڪئي مگر حضور صلي الله عليہ وآلهٖ وسلم جن انڪار فرمائي ڇڏيو. ٻڌاءِ اتي ڪهڙي فتويٰ تا لڳايو.

اعتراض: 15

حب علي: علط تو چوين، تہ سيده حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ سان راضي هئي، مان اها ڳالهہ نہ مڃيندس، ناراض هئي ناراض هئي.

علي اکبر: هوش کر جوش نہ کر اچي هي پاڻي جو گلاس پيءُ ۽ ٿڌو ٿيءُ آهستہ ڳالهاءِ ۽ ٻڌ. چڱو ڀلا جيڪڏهن تنهنجي اها ڳالهہ چند منٽن لاءِ ڪٽي مڃجي تہ سيده انساني جذبات کان متاثر ٿئي حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ تي ناراض تي هجي تہ بہ اها ناراضگي چند منٽن يا چند ڏيهن لاءِ هوندي ڇو تہ مؤمن کي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ غصہ رکڻو ئي نہ آهي، تہ پوءِ ٽن ڏيهن کان وڌيڪ ناراضگي جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي ڇا ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ناراض رهي حديث نبوي جي (معاذالله) خلاف ورزي ڪئي هوندي؟ هرگز نہ هرگز نہ، تہ پوءِ توکي مڃڻو پوندو تہ سيده حضرت ابوبکر رضي الله عنہ سان راضي تي وئي هئي.

بي وقوف دوست ناراض رهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ سان ايتري قدر راضي هئي جو جنهن تي ناراض ٿئي (بقول ٿوهان (شيعن) جي تہ حضرت فاطمہ رضي الله عنها حضرت عمر رضي الله عنہ سان ناراض هئي) ۽ حضرت ابوبکر رضي الله عنہ ان لاءِ سفارش ڪري تہ ان تي بہ راضي ٿي پئي پڙهہ پنهنجو معتبر ڪتاب حق اليقين:

ابو بکر آمد و شفاعت کرد از برای عمر و فاطمہ از او راضی شد

(حق الیقین ص 186، بعث الاحزان و 88)

ٻڌاءِ ان کان وڌيڪ سيده جي راضي هجڻ جو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو.

اعتراض 16:

حب علي: شڪر آهي جو وقتي ناراضگي کي تسليم ڪيو اٿئي وقتي ناراضگي ٻہ تہ ناراضگي آهي ۽ حديث مبارڪ آهي تہ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن فرمايو جنهن سيده فاطمہ زهريٰ رضي الله عنها کي رنجايو ان مون کي رنجايو.

فمن اغضبها اغضبنی ٻڌاءِ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي رنجائڻ واري لاءِ ڇا حڪم آهي.

علي اڪبر: ڏاڍو بي سمجهہ ۽ ڀَڳلو آهين، ان ۾ تسليم ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي توکي وضاحت سان ٻڌائي آيو آهيان تہ سيده حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تي ناراض نہ هئي مگر تنهنجي چوڻ مطابق ۽ انساني فطرت جي طور تي يا غلط فهمي جي بنا تي جيڪڏهن ڪٿي ناراض ٿي بہ هجي تہ بہ عارضي طرح نہ مستقل ۽ حقيقي طور تي، پوءِ ان ۾ سيده جي ايذاءَ پهچائڻ جو ڪهڙو سوال آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ تہ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي حديث مبارڪ ٻڌائي، ڇا حديث ٻڌائي سيده کي ايذاءُ پهچاياٿون، يا ڇا سيده کي حديث ٻڌڻ سان ڪو ايذاءُ پهتو؟

2: ياءُ عارضي ناراضگي انسان فطرت ۾ شامل آهي بعض اوقات غلط فهمي يا جذبات ۾ ٿي ويندي آهي ان کي حقيقي ايذاءُ رساني تي مشتمل نہ تو ڪري سگهجي، جيڪڏهن عارضي ناراضگي کي بہ ايذاءُ پهچائڻ جو سبب چئو ٿا تہ

پوءِ اهو سودو اوهان (شيعن) کي پنهنجي گهر ۾ ڏاڍو مهانگو پئجي ويندو. اوهان (شيعن) جي ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن هڪ دفعي حضرت فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها کي چاندي جا زيور پاتل ڏسي غضبناڪ ٿيا هئا.

غضبناک بیرون رفت و بمسجد درآمد و بنزد ممبر نشست حضرت فاطمہ دانست کہ حضرت برای زینتها چنین بغضب آمدند (منتهی الامال جلد 1 و 253)

۽ سيده فاطمہ زهريٰ سلام الله عليها حضرت علي رضي الله عنہ کان ڪيترا ئي دفعا ناراض ٿي هئي ۽ ايتري سخت ناراض جو شدت غضب ۾ حضرت علي رضي الله عنہ کي (معاذالله) برويلو بہ چيو هئائين ۽ ڏک بہ هنئا هئائينس ملاحظہ فرمايو پنهنجا ڪتاب

معتبر روایت کی ہے ابوذر اور ابن عباس سے جب جعفر طیار مدینہ میں آئے ایک کنیز کو بطور تحفہ اپنے بھائی علی ابن ابی طالب کے پاس بھیجا اور وہ کنیز جناب امیر کی خدمت کرتی تھی ایک دن جناب فاطمتہ گھر میں آئیں اور دیکھا سر جناب امیر کا اس کنیز کے دامن پر ہے۔ جب یہ حالت ملاحظہ فرمائی متغیر ہو گئیں اور پوچھا اس کنیز کے ساتھ کیا تم نے کوئی تعلق کیا ہے جناب امیر نے فرمایا بخدا سوگند اے دختر محمد میں نے اس کے ساتھ کوئی تعلق نہیں قائم کیا اب جو کچھ تم کو منظور ہو بیان کرو میں بجالاؤں جناب سیدہ نے کہا مجھے میرے پدر بذگوار کے گھر جانے کی اجازت دو جناب امیر نے فرمایا مینے اجازت دی پس جناب فاطمتہ نے چادر سر پر اوڑھی اور اپنے باپ کی خدمت میں پہنچیں۔

(شيعن جا معتبر ڪتاب انوار النعمانیہ جلد 1 و 79 جلاء العیون جلد 1 و 212 اردو)

ساڳي ڪتاب ص 241 تي اهو واقعو هن طرح لکيل آهي.

جناب فاطمہ کو نہایت صدمہ ہوا اور متفکر و متردد ہوئیں یہاں تک کہ رات ہو گئی جب رات ہوئی امام حسین کو بائیں کندھے پر بٹھایا اور بایاں ہاتھ کلثوم کا اپنے داہنے ہاتھ میں لیا اور اپنی پدر بزرگوار کے گھر تشریف لے گئیں جب جناب امیر گھر میں آئے اور جناب فاطمہ کو وہاں نہ دیکھا بہت غمگیں و محزون ہوئے مگر تشریف لے جانے کا سبب نہ نکلا اور شرم و حجاب دامنگیر ہوا کہ جناب سیدہ کو ان کے پدر بزرگوار کے گھر سے بلائیں پس گھر سے باہر نکل آئے اور مسجد میں جاکر بہت نماز ادا کیں اور ایک تو وہ خاک جمع کر کے اس پر تکیہ فرمایا جب جناب رسول خدا نے جناب فاطہ کو محزون و مغموم پایا غسل کیا اور لباس بدل کر مسجد میں تشریف لائے اور نمازیں پڑھنی شروع کیں مشغول ور کوع و سجود تھے بعد دو رکعت کی دعا مانگتے تھے خداوندا فاطمہ کے حزن وملال کو زائل کر کیونکہ جس وقت گھر سے باہر تشریف لائے فاطمہ کو دیکھ کر آئے تھے کہ آپ کروٹیں بدلتیں اور ٹھنڈی سانسیں بھرتی ہیں پھر گھر میں تشریف لے گئے دیکھا فاطمۃ کو نیند نہیں آتی اور بیقرار ہے فرمایا اے دختر گرامی اے فاطمہ اٹھو جب جناب فاطمہ اٹھیں جناب رسول خدا نے امام حسن کو اٹھایا اور فاطمہ نے امام حسین کو اٹھایا اور کلثوم کا ہاتھ پکڑ کر گھر سے مسجد میں تشریف لائے یہاں تک کہ قریب جناب امیر پہنچے اس وقت جناب امیر آرام فرما رہے تھے اس وقت جناب رسول خدا نے اپنا پاؤں جناب امیر کے پاؤں کے اوپر رکھا اور فرمایا اے ابوتراب اٹھو گھر والوں کے تم نے اپنی جگہ سے جدا کیا ہے جاؤ اور ابو بکر و عمر اور طلحہ کو بلاؤ پس جناب امیر گئے اور ابو بکر و عمر کو بلا لائے جب قریب جناب رسول خدا کے حاضر ہوئے حضرت رسول صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم نے ارشاد کیا اے علی کیا تم نہیں جانتے کہ فاطمہ میری پارہ تن ہے اور میں فاطمہ سے ہوں جس نے اسے آزار دیا جس نے اس کو میری وفات کے بعد آزار دیا گویا ایسا ہے جیسا کہ میری حیات میں آزار دیا اور جس نے اس کو میری حیات میں آزار دیا ایسا ہے کہ گویا میری وفات کے بعد آزار دیا جناب امیر نے عرض کی ہاں یا رسول اللہ اسی طرح ہے۔

(جلاء العیون اردو جلد 1 و 241 شيعن جو معتبر ڪتاب)

يار هاڻي ڇاتو چوين، خاموش ڇو ٿي ويو آهين ٻڌاءِ حضور عليہ السلام جن حضرت فاطمہ رضي الله عنها کي چاندي جا زيور پاتل ڏسي ناراض ٿي ويا هئا، اتي ڇا فتويٰ آهي، خاتون جنت حضرت سيده فاطمو زهريٰ رضي الله عنها حضرت علي رضي الله عنہ کان ناراض ٿئي نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن وٽ شڪايت ڪٽي وئي هئي ۽ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن حضرت علي رضي الله عنہ کي مخاطب ٿي فرمايو هو تہ جنهن فاطمو رضي الله عنها کي رنجايو ان مون کي رنجايو جنهن ان کي آزار ڏنو ان مون کي آزار ڏنو.

ٻڌاءِ اتي ڇاتو چوين. اجان اڳتي ٻڌ. سيده حضرت علي رضي الله عنہ کي سخت غصي جي حالت ۾ (نعوذبالله) هي برا لفظ چيا.

مانند جنیں در رحم پردہ نشین شدہ و مثل خائناں درخانہ گریختہ

(شيعن جو معتبر ڪتاب حق الیقین فارسی ص 210)

تون ننڍڙي ٻار وانگر ماءُ جي پيٽ ۾ لڪيو وينو آهي ۽ مثل نا مردان جي گهر ۾ وينو آهين.

اوهان (شيعن) جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ هڪ دفعي حضرت فاطمہ رضي الله عنها حضرت علي رضي الله عنہ کي دامن کان پڪڙي (نعوذ بالله) ڌڪ هنيا، الله تعاليٰ جبريل کي موڪليو تہ نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کي چؤ فاطمہ رضي الله عنها کي چوي تہ:

قل لفاطمة ليس لك ان تضربي على يديه ولا تلزمي بثوبه

(انور النعمانيه جلد1 ص58 امالی الصدوق ص329)

اي فاطمہ توکي اهو جائز نہ آهي تہ تون حضرت علي رضي الله عنہ کي دامن کان جهلي هٿا ماري ڪرين.

چپ چو خشڪ ٿي ويا اٿئي، ٻڌاءِ اتي ڇا حڪم آهي.

اعتراض 17:

حب علي: يار تو تہ وڏيون وڏيون ڳالهيون ٻڌائي مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي انهن عبارتن ۾ تہ سيده فاطمہ رضي الله عنها ۽ حضرت علي شير خدا رضي الله عنہ جي شان اقدس ۾ انتها درجي جون گستاخيون ۽ بي ادبيون بيان ٿيل آهن. هڪ مسلمان اهڙيون عبارتون ڪيئن لکي سگهندو جيڪڏهن اسان (شيعن) جي ڪتابن ۾ سچ پچ اهڙي قسم جون عبارتون آهن تہ مان اڄ ئي شيعت تان توبہ تائب ٿيان ٿو.

علي اکبر: الحمدلله تنهنجي اسلامي جذبي ۽ غيرت کي سلام آهي، هڪ مسلمان آئمہ اهل بيت جي سچي حبدار جو اهو فرض آهي تہ هو اهڙن بي ادبن ۽ گستاخن کي سڃاڻي ۽ انهن کان پڇي پاسو ڪري خداوند تعاليٰ شل توکي اهڙي سمجهہ ۽ هدايت ڏئي.

ياءُ اهي ڪتاب شيعن جا آهن ۽ انهن ۾ اهي عبارتون موجود آهن.

چيلنج

حوالہ غلط ثابت ٿئي تہ "5000" پنج هزار روپيہ انعام ڏيندس. دوست انهن کان بہ زياده گستاخين ۽ بي ادبين واريون ٻيون بہ ڪيتريون ئي عبارتون آهن جن کي ٻڌي

هڪ مسلمان اهل بيت جو حبدار توبہ توبہ ڪري شيعت کان يجي پاسو ڪندو. حيرت اها آهي جو اهڙين عبارتن کي شيعہ آئمہ اهل بيت ڏانهن منسوب ڪندا آهن جن سان آئمہ اهل بيت جو ڪو بہ تعلق نہ آهي، تقريباً شيعن جا سڀ ڪتاب اهڙين گستاخين ۽ بي ادبين سان پريا پيا آهن، وڌيڪ معلومات لاءِ بنده جو ڪتاب "شيعہ مذهب جي معلومات" مطالعہ ڪندا.

اعتراض 18:

حب علي: ادا برابر تنهنجون ڳالهيون درست آهن پر هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ تہ ڇا شيعن جي ڪتابن مان بہ سيده جو حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ سان راضي ٿيڻ ثابت آهي يا نہ؟

علي اڪبر: ها ادا بلڪل ثابت آهي شيعن جي ڪتابن ۾ صاف لفظن سان لکيل آهي تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ سيده فاطمہ سلام الله عليها کي عرض ڪيو تہ سيده منهنجا پيءُ ۽ ماءُ اوهان تان قربان ٿين جهڙي طرح سان حضور عليہ السلام جن فدڪ جي آمدني مان اوهان کي پنهنجي گذر سفر لاءِ ڏئي باقي الله جي راهہ ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا.

ولك على الله ان اصنع بها كما يصنع فرضيت بذالك صاخذت العهد عليه به وكان ياخذ غلتها فيدفع اليهم منها ما يكفيهم ثم فعلت الخلفاء بعده كذالك الى ان ولى معاوية (شرح نهج البلاغه ميثم البحرانى جلد 2 ص 418 بيروت لبنان، (شرح نهج البلاغه ابن ابى الحديد جلد 4 ص 81)

الله جو قسم ڪٽي چوان ٿو تہ مان توهان لاءِ ائين ئي ڪندس جيئن حضور عليہ السلام جن ڪيو هو بس سيده فاطمہ سلام الله عليہ راضي ٿي وئي ۽ حضرت ابوبڪر

رضي الله عنہ بہ پڻ اهڙو عهد ڪيو ۽ فدڪ جي آمدني مان اهل بيت کي سندس ضرورت جي مطابق خرچ موڪلي ڏيندو هو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کان بعد بين خليفن بہ اهڙي طرح سان عمل ڪيو يعني حضرت معايہ رضي الله عنہ جي دور خلافت تائين بعينہ حضور عليہ السلام جن وارو عمل رهيو.

بعض جاهل شيعہ چوندا آهن تہ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ پنهنجي دورر خلافت ۾ فدڪ مروان کي ڏئي ڇڏيو هو سندن اهو الزام بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهي حضرت عثمان غني رضي الله عنہ جو بہ ان جي باري ۾ اهو ساڳيو ئي عمل رهيو جيڪو حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جو هو.

ابو بکر غلہ و سود آن را گرفتہ بقدر کفایت باہل بیت علیہم السلام می داد و خلفاء بعد از او ہم براہ اسلوب رفتار نمودند تا زمان معاویہ)

(شيعن جو معتبر ڪتاب فيض السلام ص 969)

ياءُ ٿورو غور ۽ توجهہ ڪر:

1. ڳالهہ تہ هن مان شيعن جا جملي اعتراض (سيده سان صحابہ ڪرام وڏا ظلم ڪيا فدڪ ڪسيائون. فدڪ کان محروم ڪيائون. سيده کي رنجايائون (نعوذبالله) غاصب ۽ اهل بيت جا دشمن هئا ظلم ۽ منافق ۽ مرتد هئا. بلڪل غلط ۽ بي بنياد ثابت ٿيا آهن.

2: حضرت سيده صحابہ ڪرام بالخصوص حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ ذي النورين سان بلڪل راضي هئي تڏهن تہ انهن جي خدمات کي قبول فرمائيندي

هئي جيڪڏهن ناراض هجي ها تہ گهر جا اخرجات ڇو وصول ڪري ها. دشمن جي ڪابہ شيء قبول نہ ڪئي ويندي آهي.

3: تہ صحابہ ڪرام فدڪ ۾ ڪابہ خيانت نہ ڪئي هئي بلڪ ان طرح حضور عليہ السلام جن جي مرضي ۽ منشا مطابق عمل ڪيائون. يعني حضور عليہ السلام جن جي طرز عمل ۾ ۽ صحابہ ڪرام جي طرز عمل ڪوبہ فرق نہ هو بيعينہ ان تي عمل پيرا هئا.

4: صحابہ ڪرام اهل بيت کي فدڪ جي آمدني مان ايترو تہ ڏيندا هئا جو انهن لاءِ (يڪفيهم) ڪافي هوندو هو. يار هاڻي تہ بلڪل تسلي ٿي وئي هوندئي يا اجا ڪو ڪٽڪو دل ۾ رهجي ويو اٿئي.

اعتراض 19: **حب علي**: ها ادا هڪ ڳالهہ اجا دل ۾ ڪٽڪي ٿي مولوي ديدار علي ٻڌايو هو تہ سيده وصيت فرمائي هئي تہ منهنجي جنازي ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کي شريڪ نہ ڪجان هن مسلم جي هڪ حديث بہ پڙهي ٻڌائي هئي تہ:

فَلَمَّا تُوُفِّيَتْ دَفَنَهَا زَوْجُهَا عَلِيُّ ابن ابيطالب لَيْلًا وَلَمْ يُؤْذِنْ بِهَا اَبَابَكْرٍ

(مسلم شريف)

جڏهن حضرت فاطمہ رضي الله عنها جو وصال ٿيو تہ حضرت علي رضي الله عنہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ کي خبر نہ ڏني ۽ رات جو ئي دفن ڪري ڇڏيائون. تنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ کان ناراض هئي ورنہ اهڙي وصيت ڇو ۽ اطلاع ڇو نہ؟

علي اڪبر: ياءُ مولوي ديدار علي بلڪل ڪوڙ ڳالهايو آهي

اهلسنت جي ڪنهن بہ صحاح جي ڪتاب ۾ ڪا بہ اهڙي روايت نہ آهي تہ سيده حضرت علي رضي الله عنہ ڪي حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جي متعلق اهڙي وصيت ڪئي هجي، باقي مسلم شريف جي روايت تہ حضرت علي رضي الله عنہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ ڪي خبر نہ ڏني.

ان لاءِ عرض آهي تہ اها روايت ابن شحاب زهري جي آهي، ابن شهاب زهري لاءِ اڳ ۾ ئي ٻڌائي آيو آهيان تہ هو رافضي هو تقيہ ڪري اهلسنت جي محدثين ۾ شمار ٿيندو هو تنهن ڪري ان جي روايت تي ڪوبہ اعتبار ڪونهي.

وڌيڪ معلومات لاءِ شيعن جا معتبر ڪتاب پڙهي ڏسو:

1. رجال المامقاني: عبدالله مامقاني.
2. رجال ابي علي: علامہ علي.
3. عين الغزال: شيخ عباس قمي.
4. تمتہ المنتهي: شيخ عباس قمي.

ٻيو تہ خبر نہ ڏيڻ ناراضگي جو سبب نہ هيو. يا اهو مقصد نہ هيو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جنازي ۾ شريڪ نہ ٿئي، بلڪ خبر نہ ڏيڻ جو مقصد اهو هيو تہ حضرت علي رضي الله عنہ سمجهيو تہ اسماءِ بنت عميس اڳ ۾ ئي خبر ڏئي چڏي هوندي چو تہ اسماءِ بنت عميس سيده جي تيمارداري لاءِ خود موجود هئي، ڪفن ۽ غسل جو ڪم بہ ان جي سپرد هو ۽ اها حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جي گهر واري هئي پڙهہ. (جلاء العيون) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ ڪي وقت بوقت سيده جا حالات پنهنجي

گهر واري ڪان معلوم ٿيندا هئا ۽ خود پڇا ڪندا هئا ڀيو ته اها خبر ڪا معمولي خبر ته ڪانه هئي جو پئجي نه سهگي. سيده جي وصال جي خبر پوري مدينه منوره ۾ وچ وانگر پکڙجي وئي هئي. آه وفغان جو عالم بپا ٿي ويو ننڍا خواه وڏا عورت خواه مرد اکين مان نير هاريندا ڳوڙها ڳاڙيندا ڊوڙندا حضرت خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها جي در دولت تي حاضر ٿيا مرد حضرت علي رضي الله عنه وٽ ۽ بني هاشم جون عورتون سيده جي گهر ۾ اچي جمع ٿيون حضرت علي رضي الله عنه حسن حسين رضي الله تعاليٰ عنهما سان گڏ روئي رهيو هو تمام حاضرين به روئي رهيا هئا پڙهه شيعن جو معتبر ڪتاب جلاءُ العيون.

خدارا ٻڌاءِ سيده عابده زاهده سيده فاطمه سلام الله عليها زوجه حضرت علي رضي الله عنه ۽ دختر رسول جو وصال ٿئي پوري مدينه منوره ۾ خبر پئجي وڃي مگر حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي خبر نه پوي سو به وقت جو خليفه ۽ حاڪم ڪيڏو نه غلط خيال آهي ٻئي ڳالهه ته جنازو مبارڪ رات تائين پيو هجي ٻن يا ٽن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر نه پئجي سگهي اهو به ناممڪن آهي. حقيقت هي آهي ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه حضرت عمر رضي الله عنه خبر ٻڌڻ شرط ئي حضرت علي رضي الله عنه وٽ تعزيت لاءِ آيا هئا پڙهه شيعن جا معتبر ڪتاب:

فاقبل ابوبكر وعمر رضى الله عنهما تعزيان عليا ويقولان له يا ابا الحسن لا تسبقنا بالصلواة على ابنة رسول الله

(ناسخ التواريخ جز اول تاريخ خلفاء ص 181، كتاب سليم بن قيس ص

255) سيده جي وفات جي خبر ٻڌي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما جن حضرت علي رضي الله عنه وٽ آيا ۽ چيائونس ته اي ابو الحسن بنت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي جنازي پڙهڻ ۾ اسان کان سبقت نه ڪجانءِ ثابت ٿيو ته اطلاع هيو.

2. صحابه ڪرام ۽ اهل بيت ۾ ڪابه رنجش نه هئي. ياءُ بخاري يا صحاح جي ڪنهن به روايت مان اهو ثابت نه آهي ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جنازي جي نماز ۾ شريڪ نه هو. ها بعض روايتن ۾ آيو آهي ته حضرت سيده جي جنازي نماز حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پاڻ پڙهائي هئي.

عن حماد عن ابراهيم قال صلى ابوبكر الصديق على فاطمة بنت رسول الله فكبر عليها اربعا. (طبقات ابن سعد جلد 8 ص 29، ذكر بنات رسول كنز العمال جلد 15 ص 709، حرف الميم كتاب الموت)

حماد بن ابراهيم کان روايت آهي ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه حضرت فاطمه رضي الله عنها جي جنازي نماز پڙهائي ۽ چار تڪبيرون چيون)

عن جعفر ابن محمد عن ابيه قال ماتت فاطمة بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم فجاء ابوبكر و عمر ليصلوا فقال ابوبكر لعلى بن ابى طالب فتقدم فقال ما كُنت لا تقدم وانت خليفة رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم فتقدم ابوبكر وصلى عليها كنز العمال جلد 6 ص 366)

حضرت جعفر بن محمد پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته جڏهن حضرت فاطمه بنت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو انتقال ٿيو ته حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما ٻئي جنازي نماز پڙهڻ لاءِ آيا. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه اڳ ۾ ٿي حضرت

علي رضي الله عنہ کي امامت لا چيو حضرت علي رضي الله عنہ فرمايو تہ اوهان رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جا خليفہ آهيو اوهان جي موجودگي ۾ مان کيئن اڳتي وڌي سگهان ٿو، پوءِ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنہ اڳتي وڌيو ۽ سيده جي نماز جنازه پڙهايائين شيعن جي ڪتابن موجب خليفہ وقت جي موجودگي ۾ ٻيو ڪوبہ ماڻهو نماز پڙهائي نہ ٿو سگهي.

عن طلحه بن زيد ابي عبدالله عليه السلام قال اذا حضر الامام الجنازة فهو احق الناس بالصلواة عليها 177

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنہ کان طلحہ بن زيد روايت ڪري ٿو تہ امام فرمايو تہ جڏهن وقت جو امام نماز جنازه ۾ موجود هجي تہ ٻين ماڻهن کان وڌيڪ ان جو حق آهي تہ نماز پڙهائي ان قانون جي تائيد حضرت امام حسين رضي الله عنہ جي قول ۽ فعل مان ثابت آهي، ڏسو جڏهن امام حسن رضي الله عنہ جو انتقال ٿيو تہ سندس جنازي نماز سعيد بن العاص پڙهائي جيڪو وقت جو حاڪم هو حالانڪ حضرت امام حسين ”ولي ميت“ موجود هو پر نماز نہ پڙهايائين.

قد تقدم ان سعيد بن العاص صلی علی الحسن لانه كان واليا يومئذ على المدينة

(شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشفه الغمه جلد 1 ص 586)

صريحاً وضاحت سان ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام سيده جي جنازي نماز ۾ شريڪ هئا، ٻيو تہ سيده جي حضرت ابوبکر رضي الله عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ سان ڪا بہ رنجش يا

ناراضگي ڪانہ هئي جيڪڏهن رنجش يا ناراضگي هجي ها تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ پنهنجي گهر واري اسماء بنت عميس کي سيده جي تيمار داري لاءِ ڇو اجازت ڏئي ها ۽ سيده دشمن جي گهر واري کي پنهنجي تيمار داري لاءِ ڇو منتخب رکي ها، رنجش ۽ ناراضگي ڇو هجي جڏهن تہ حضرتا بوبڪر رضي الله عنہ حضرت نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جا ڪن مبارڪ ۽ حضرت عمر رضي الله عنہ اک مبارڪ ۽ حضرت عثمان رضي الله عنہ دل مبارڪ جي مثل هئا.

قال قال رسول الله صلی الله علیہ وآلہٖ وسلم ان ابابکر منی بمنزلة السمع وان عمر منی بمنزلة البصر وان عثمان منی بمنزلة الفواد

(شيعن جو معتبر ڪتاب. معانی الاخبار ص 387)

ياءُ: جيڪڏهن شيعن جي ڳالھ کي درست چئبو تہ پوءِ حضرت سيده جو جنازه مبارڪ بقول شيعہ روايت صرف ستن ماڻهن پڙهيو هو.

جناب امیر سے روایت ہے سات شخصوں نے جناب سیدہ فاطمہ پر نماز پڑھی۔

1۔ابوذر 2۔ سلمان 3۔ مقداد 4۔ عمار 5۔ حدیفہ 6۔ عبداللہ بن مسعود 7۔اور میں (حضرت علی (رضی اللہ علیہ) انکام امام تھا۔ (جلاء العیون اردو جلد 1 و 254)

هاڻي ٻڌائن تہ ٻيا جليل القدر صحابہ ڪاڏي ويا هئا ۽ انهن نماز جنازه ۾ شرڪت ڇو نہ ڪئي هئي مثلاً:

حضرت امام حسن رضي الله عنہ امام حسين رضي الله عنہ، عبدالله بن عباس رضي الله عنہ، عقل بن ابيطالب رضي الله عنہ، جعفر بن ابي طالب رضي الله عنہ، سعد بن عباده رضي الله عنہ، ابو ايوب انصاري رضي الله عنہ، ابو

ڪانهي، اهو منهنجي فرض ۾ شامل هيو تہ همدردي ڪري هڪ پليل ڪي سڌي راهہ ڏيکاريان، مون ڪي ڏک ٿي پيو نہ منهنجو دوست رڻ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي، منزل ڪان دور آهي اڳيان اونداهي غار آهي ڪٿي تابڙجي نہ ڪري.

بس پنهنجوفرض سمجهي اڳتي وڌيم الله تعاليٰ جو فضل حال شامل ٿيو جو تون اچي پنهنجي منزل مقصود تي پهتو آهين ۽ سڌي راهہ تي بيٺو آهين. اها سڀ مالڪ ۽ خالق جي مهرباني آهي جو تو ڪي هدايت نصيب ٿي آهي. ورنہ تنهنجا ٻيا يائر صحابہ ڪرام جي دشمني ۾ ايترو اڳتي وڌي ويا آهن جو اهي صحيح حقيقت ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن.

خداوند تعاليٰ شال تو وانگر انهن ڪي بہ سمجهہ ۽ هدايت عطا فرمائي.

فاعتبروا يا اولی الابصار


الاہی بحق بنی فاطمہ، کہ بر قول ایمان کنی خاتمہ
اگر دعوتم رد کنی ور قبول، من و دست دامان آل رسول


خاڪپاءِ علماءِ حق

اهل سنت و جماعت


غلام نبي شيخ پياسي

15-08-1997










































Price Rs.80/-

ناشر مڪتبه فيضِ رضا ڪراچي